# لوليءَ ۾ سنڌو سنسڪرتيءَ جي جهلڪ

## لوڪ گيت (فوڪ لور - لولي)



-ڪملا ٻناڻي

# ءَ ۾ سنڌو سنسڪرتيءَ جي جهلڪ

لوڪ گيت (فوڪ لور- لولي)



- ڪملا بٽاڻي

# ارپڻ

ماتائن کي،
جيڪي ٻال گوپال کي سنڌي لولي ڳائي
هنن ۾
سنڌي سنسڪارن جا
ٻج ڇٽين



# لوليءَ ۾ سنڌو سنسڪرتيءَ جي جهلڪ


ليکڪا:- ڪملا ٻٽاڻي

فون:- ۰۱۴۵-۲۶۷۱۷۴۳

ڇپائيندڙ:- پنڪج پبليڪشن، ۱۹-ئي،
يو آءِ ٽي ڪالوني، ناڪا مدار، اجمير-۳۰۵۰۰۷

فون:- ۰۱۴۵-۲۶۷۱۷۴۳

ڇپيندڙ:- پارٻتي پرنٽنگ پريس، ۱۸۰/۶، شانتي نگ
ڀانگ باوڙي، پوسٽ باڪس نمبر-۲۳۰، اجمي

ڪَوَر:- شري لکمي کلاڻي، شري صاحب ٻيجاڻي (سنڌولوجي، آديپور)

ڇاپو پهريون ۲۰۱۰

ڪاپيون ۵۰۰

قيمت:- ۱۲۰ روپيا


# LOLIA MAI SINDHU SANSKRITIA JI JHALAK


Writen by:- Kamla Butani

Phone:- 0145-2671743

Published by:- Pankaj Publiction, E-19,
UIT Colony, Naka Madar, Ajmer-305007

Printed by:- Parvati Printing Press, 180/6,
Shanti Nagar, Bhang Bowri,
Post Box No. 230, Ajmer-305001
0145-2460231, Mo. 9828080154

Cover:- Sh. Lakhmi Khilani,
Sh. Sahib Bejani (Sindhology, Adipur)

First Edition 2010

Copies 500

Price:- 120/-

Published with Partial Finance aid by NCPSL


(Copy Rights with Auther)

# ڪتاب بابت ٻه اکر

ڪتاب ۾ مون لکيو آهي ته لولي لکڻ جي پريرڻا مونکي ڪيئن ملي؟ مان جڏهن ياءُ جي پوٽي ٽيڻ تي ياڄائيءَ سان گڏجڻ ويس ته ياڄائيءَ جي نونهن ٻار کي موبائل ٽيونس ۽ موبائل تي فلمي گيت ٻڌائي سُمهاري رهي هئي.

اُن وقت کان ئي مونکي اِها هڻ تڻ ٿيڻ لڳي ته سنڌ جو ورثو سنڌي لولي ماتائن ۽ ڀينرن جي دل دماغ تان پنهنجو وجود ڇڏيندي ٿي وڃي. بس اُن ئي کن کان مونکي لوليءَ جي وشيه تي لکڻ جو جنون سوار ٿي ويو. ياڄائيءَ کي وٺي ڊائري پين کڻي جئپور جي جواهر نگر جي لال مندر ۾ وياسين ۽ ٻه لوليون لکي آياسين.

پر جڏهن لوليون لکڻ ويٺس ۽ ڪتابن، مئگزينن ۽ اخبارن مان مليون جيڪي جهونن شائرن ۽ ساهتيڪارن جون هيون پر اُهي ته ڪتاب ڇپڻ لاءِ ڪافي نه هيون.

هاڻي ته هر سماجي ميڙ، ستسنگ ۽ گهر گهر جي ماتائن وٽ وڃي لولي ٻُڌائي ٻڌائڻ جي اِلتجا ڪرڻ لڳس پر سيڪو چوي ته اسين فلمي لوليون ڀيا ٻُڌيون يا ٻارن کي ڏاڍين پاليو آهي. اسان کي ته سنڌي ٻولي نه ٿي اچي ته هيڪارين جنون وڌندو ويو.

پوءِ کُڙي کڻي دربارين ۾ ويس جو سنت ٻه ستسنگ ۾ ٻارن کي لوليون ڳائي آسيس ڏيندا آهن ۽ اُنهن سنتن جي لولين سان منهنجي جهول ڀري ۽ اڄ هيءُ ڪتاب توهان جي هٿن ۾ آهي. اِن لاءِ مان ٿورائتي آهيان:-١. ڊاڪٽر ديال آشا جي، جن ڪجهه لوليون ۽ خاص ڪري اوراڻا لکيا آهن. ٢. ياءُ گورڌن پارتيءَ جي، جنهن جون ڪجهه لوليون ڪتابن ۾ مليون. مان ياءُ سان گڏجي لولين تي وڌيڪ روشني وجهڻ جي پيشڪش ڪرڻ لاءِ فون ٻه ڪيا پر هنن جي تندرستي نيڪ نه ٿيڻ ڪري گڏجي نه سگهيس پر ياءُ جيڪي لوليون لکيون آهن سي قابلي تعريف آهن. ٣. شاعر ڍولڻ راهيءَ جون ٻه ڪجهه لوليون هٿ آيون، سي لکيون آهن. ٤. ياءُ پرت ماڌوداس، نرمل ڏام، جهولا محلا ٻه خوشيءَ سان ڪجهه لوليون ڏيئي مدد ڪئي. ٥. ياءُ اشوڪ غافل ٻه ڪجهه لولين جي مدد ڏني. ٦. سڀ کان وڌيڪ ٿورائتي مان ياءُ ڪمل ڀڳت جي آهيان جنهن منهنجي ڪتاب کي لولين سان جهنجهي مالامال ڪري ڇڏيو. ياءُ خود هڪ فون تي مونکي گهر اچي ساڌ موتي رام جون ڪافي لوليون ڏنيون. وڏي ڳالهه ته نياڻين جي لاءِ لولين جي کوج ڪندي ٻه مونکي اهڙيون لوليون نه ملي سگهيون هيون اُهي ٻه ساڌ موتي رام جون لکيل ملڻ سان جڻ دلي مُراد پوري ٿي. ياءُ ڪمل ڪجهه ٻيون لوليون ٻه ٻُولهي منهنجي ڪتاب کي لولين جي سينگار سان سينگاري ڇڏيو. ڪجهه لوليون شاعر پرسرام ضيا جون ٻه ڪتاب کي ڪافي روشن ٿيون ڪن.

# سلسلو


١. لوليءَ ۾ سنڌو سنسڪرتيءَ جي جهلڪ

٢. لوليءَ جي بناوت

٣. لوليءَ جو اِتهاس

٤. لوليءَ جا قسم

٥. جيجل لولي

٦. ٻچڙن لاءِ لوليون

٧. نياڻين لاءِ لوليون

٨. مجازي لولي

٩. شاعراڻي لولي

١٠. واقياتي لولي

١١. ماءُ جون ڪجهه ٻيون آسيسي لوليون

١٢. سنتن جون لوليون

١٣. ڪدڙو فقير لولي

١٤. اوراڻي جي لولي

# لوليءَ ۾ سنڌو سنسڪرتيءَ جي جهلڪ

جهولي او جهولي،
جهولي ۾ جهولي راڌا گوبند پيارو،
ڀاڳن وارو نصيبن وارو،
۱. جهولي ۾ جڙيا ماڻڪ-موتي،
تنهن لُڏي تو راڌا گوبند جيوتي،
مٺي ٻولي وينو ٻولي جهولي ۾ جهولي،

منڙي لولي ماتا هيءَ پنهنجي ننڍڙي ٻچڙي کي جهولائيندي سمهاري رهي آهي. ننڍڙو ننڍڪ لوليءَ جي سُر سان مٺي ننڊ جي گود ۾ سمهين سپنن جي سنسار جو لطف پيو ماڻي.

سنڌو سنڌي سنسڪرتيءَ ۾ لوڪ گيتن جي ساهتيه ۾ وڏي مهما ڇئي ويئي آهي. اهي گيت سنڌي سنسڪرتيءَ جو ورثو آهن. لولي به هڪ لوڪ گيت فوڪ لور جي قسم آهي. هي ننڍڙن ٻارن کي جڏهن هو ننڊ اکڙو تيندو آهي، سُمهارڻ لاءِ ڳائبي آهي. جيون ۾ گ يتن جو وڏو مهتو آهي. جنم کان وٺي سورهن سنسڪارن لاءِ گيت آهن، جن جا سُر ۽ شبد الڳ-الڳ آهن. جڏهن جنم، ڇٽي، منڻ، شادي ۽ ستسنگ ڪيرتن لاءِ گيتن جي ڪمي نه آهي ته پوءِ ٻچڙي کي سمهارڻ لاءِ لولين جي ڪمي ڇو رهي؟

لولين ۾ سنڌي سنسڪرتيءَ جو ورثو سمايل آهي، هن جي شبدن ۾ سنسڪرتيءَ جي جهلڪ، مهڪ ۽ سُرهاڻ سمايل آهي. صرف سنڌو سنسڪرتيءَ ۾ ئي نه پر مانو سنسڪرتيءَ ۾ به لوليءَ جي وڏي مهما آهي.

سنڌيءَ ۾ ”لولي“، هنديءَ ۾ ”لوري“ ۽ گجراتيءَ ۾ هن کي ”هالڙرو“ چئبو آهي. هر ماءُ چاهي اُها ڪنهن به ذات، مظهب ۽ صوبي جي هجي پنهنجي لوڪ گيتن ۾ لولي ضرور ڳائيندي آهي.

مان ٿورائتي آهيان سنڌولوجي جي جنهن ڪوَر ڊزائن لاءِ چتر تهرائي موڪلڻ جي مهرباني ڪئي. اِن لاءِ مان شري لکمي ڪلاڻي ۽ شري صاحب بيجاڻي جي شڪر گذاري ڪرڻ بنا نٿي رهي سگهان.

ٻن اکرن جي انت ۾ اهو ضرور چوندس ته هيءُ ڪتاب لکڻ جو مقصد آهي هر سنڌي ماءُ ۽ پيڻ کي سنڌي لولي ڳائڻ لاءِ لوليون ترج سميت ڏجن. ترج سان جلد لولي زبان تي چڙهي ياد ٿي ويندي آهي.

مونکي آشا ئي نه وشواس به آهي ته هن ڪتاب ۾ جيڪي لوليون ڏنيون ٿيون وڃن ڪافي آهن ته به لولين جي رچنا جي ڪمي آهي. منهنجي هر ساهتيڪار، شاعر، پاٺڪ ۽ ماتائن، ڀينرن کي وينتي آهي ته اُنهن وٽ ڪا به لولي جيڪا هن ڪتاب ۾ نه آهي ته مونکي جلد موڪلي ڏين جيئن منهنجي دلي اِڇا آهي ته مان ماتائن ۽ ڀينرن کي سِڌو لوليون لکيل ڪتاب هٿ ۾ ڏيان جيئن جلد هو سوَلي طرح لوليون پسند ڪري پنهنجي ٻارڙي کي سُمهارين ۽ اُنهن ۾ سنڌو سنسڪارن ڀري سنڌي لوليءَ جو ورثو سدا قائم رکن.

ترسو ترسو اڃان ٻه اکر ختم نه ٿيا آهن. لوليون لکندي مان به لوليءَ جي رنگ ۾ رنگجي ويئي آهيان، ٻڌو هيءَ ننڍڙي لولي:-

لولي ڏيئي سُمهاريان لال
قرب جي ڳنڙي منهنجو ٻال
گهوريان تنهن تان جِند ۽ جان
سڀ کان نيارو پيارو لال

۱. لولي ڏئي سُمهاريان لال
کيان سنسڪارن سان مالامال
سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳايان مان
ٻارڙي کي سُمهاريان مان

۲. سج، چنڊ، تارن ۽ پرين جي
چوان ڪهاڻي ڪنور، هيموءَ جي
روز ٻڌائي لولي سنتن جي
کوليان ڳنڙي سنسڪارن جي

۳. ٻچڙي کي ننڊ ڪرايان
سُر ۾ لولي ڳائي سُمهاريان
سونپيان هن کي سنڌ جي سوَغات
وڏو ٿي ياد ڪري امڙ جي بات

-ڪملا ٻناٽي

ئي سمپرڪ ۾ چوويهہ ڪلاڪ هوندو آهي. ماتا ئي هن جي پهريون گ
رو آهي ۽ ماتا جهڙا سنسڪار ٻالڪ ۾ وجهندي، وڏو ٿي هو انهن تي
ئي آچرڻ ڪندو.

پلا کهڙي ماتا هوندي جيڪا ٻار ۾ سٺا سنسڪار نہ وجهندي.
ماءُ لاءِ تہ ٻار کهڙو بہ هجي هن لاءِ املهہ، انمول ۽ جان کان وڌيڪ
پيارو ٿيندو آهي. ماتا جي آسيس تہ ٻار ڦلي-ڦولي، ڏن ڏوني رات
چوڳني ترقي ڪري اهڙي اُڪير ئي ماتا جي لوليءَ ۾ هوندي آهي.
لوليءَ جو اِتهاس تمام جهونو آهي. شاعرن، ڪوين، گيتڪارن، صوفين،
سنتن، مهاتمائن لولين تي گهڻيئي ڪجهہ لکيو آهي. لولي هڪ سولو،
مڌر ۽ سُريلو گيت آهي، جيڪو ٻار کي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ننڊ جي آغ
وش ۾ سمهاري سپنن جي ديش جو سئر پيو ڪرائيندو آهي.

چئبو تہ سرشٽيءَ جي اُتپتيءَ سان ئي لولي جي اُتپتي ٿي
آهي. اوتارن، رشي-منين ۽ مهاپرشن جي مائرن بہ ٻارن کي لولي
ڏيئي سُني جيون گهارڻ جي آسيس ڪئي آهي.

سنت ڪنوررام، سنت سائين ٽيئونرام، سنت ٽي.ايل.
واسواڻي، سوامي شانتي پرڪاش، سوامي سروانند جهڙن سنتن کي
بہ ماتا جي لوليءَ جا سنسڪار ٻج جي روپ ۾ پئجي ويا هئا ۽ هو
ايشور جي ڀڄن ۾ لڳي نام جپڻ ۽ جپائي خود پوڄا جوڳ ٿي ويا.

لوليءَ ۾ ديش لاءِ حُب، سنڌ ۽ سنڌيت لاءِ اُڪير ۽ ديش جي
صدقي ٿي وڃڻ جي ڀاونا بہ مائائن جي لوليءَ ۾ شنک ڦوڪڻ سان
ئي ڀري هوندي تڏهن تہ مهاپراڪرمي سنڌو نريش مهاراجا
ڏاهرسين جهڙن سنڌ لاءِ قربان ٿي مثال قائم ڪيو.

اهڙي وقت ديش جي صدقي پنهنجي قرباني ڏيڻ وارن ۾ پلا
ماءُ جي لولي ڇو نہ جذبو جڳائي ديش تي قربان ڪرڻ جو آهوان
ڪندي، سنڌي ڳڀرو ٻڌجي ويا، جن سنڌ لاءِ ڪلندي پنهنجا پراڻ
نبوڇاور ڪري ڇڏيا. انهن جن مائائن جي ٿڃ ۽ لوليءَ کي اوچو ٻات

## لوليءَ جي بناوت

لولي هڪ تڪو شعر آهي، جنهن ۾ ورائٽي ايندي آهي. هيءَ راڳ پيرويءَ ۾ لئہ سُرتال سان ڌيمي ۽ مٺي آواز ۾ ماتا جهولي ۾ جهولائيندي ٻارڙي کي لولي ڏيندي آهي تہ منڙن جهوڪن ۽ لوليءَ جو سُر ملي ڪري ٻار کي منڙي ننڊ جو جائزو ڪرائيندا آهن.

ورائٽي هينئن چئبي آهي:-

منهنجي ٻارڙي کي لوڏيو مان پاڻي پرڻ تي وڃان،

منهنجي ٻچڙي کي لوڏيو مان پاڻي پرڻ تي وڃان.

## لوليءَ جو اِتهاس

لوليءَ جو اِتهاس تڏهن کان ئي ليکبو جڏهن کان انسان جو جنم ٿيو. ماتا جي گود ۾ ٻارڙي جو اچڻ ۽ لوليءَ جو شروع ٿيڻ. هر ماءُ ٻار کي جهولي ۾ جهولائي، گوڏي تي سمهاري، جنڊ پيهندي پنهنجي پاسي ۾ سُمهاري ٿپڪيون هڻي ٻار کي لوليءَ جي مٺي سُر سان سُمهاريندي آهي. اِن لوليءَ ۾ سکيا، آسيس، ممتا، اُڪير، نينهن ۽ ڀاونائن سان ڀريل ٻول جيڪي دل جي اندرين گهرائيءَ مان نڪرن ٿا، دل جي سچائي ۽ اول گهول وڃڻ جي ڀاونائن جو اونهون اظهار آهي.

چوندا آهن اِهي ٻالپڻ جا سنسڪار ئي ٻار ۾ ٻج جي روپ ۾ سمائجي وڏي هوندي وڻ ۽ پوءِ ڦلن جي روپ ۾ وڏي وڃي وڻ ڪندا آهن.

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي هڪ ماتا ٻار کي ونوبا ڀاوي هڪ گياني، ڌياني ۽ سماج شيوي، سنت وٽ وٺي ويئي. ماتائون ٻار کي آسيس لاءِ سنتن، مهاپرشن وٽ وٺي وڃي آسيس ڏياريندين آهن، جيئن ٻار بہ اُنهن جهڙو پڙهيہ آتما ٿئي. ماتا چيو سائين هن کي سٺن سنسڪارن جي آسيس ڏيو. ونوبا ڀاوي چيو، ماتا هن جي سنسڪارن جي پيڙه تہ پئي چڪي. ٻار ڇئن سالن تائين ماتا جي

سنڌين ۾ سنڌ جي سنسڪرتيءَ جو ورثو آهي جو اڄ بہ قائم آهي.

اڳاٽي وقت ۾ چوٽي هئي تہ ٻار جيتري دير ننڊ ڪندو اوترو ٻڌيمان ۽ پڙهڻ ۾ هوشيار ٿيندو. پر اڄ جا ٻار تہ اهڙا سُک ڦتيا آهن جو اک چنيي ۽ اجهو اُٿيا. اڄ جي مادرن مائرن کي پلا سنڌي لولي اچي ڪٿي ٿي؟ مونکي پهريون ڀاءُ جو پوٽو جائو تہ جائي تي تہ ڪونہ وڃي سگهيس. باقي ٽن مهينن کان پوءِ پهتس تہ ڏسان ٻار کي منهنجي ڀاڄائيءَ جي نونهن موبائيل جي ٽيونس ٻڌائي ۽ فلمي لولين جي ڪئسيٽ هلائي ويني سُمهارڻ جي ڪوشش ڪري. مون عجب مان کلي چيو، ڇو توکي ڪا لولي سنڌيءَ ۾ ڪونہ اچي ڇا؟ پوءِ پلا روز ڪئين سمهندو آهي؟ چيائين مان تہ نوڪريءَ تي ويندي آهيان. هن جي ڏاڏي ئي هن کي سُمهاريندي آهي. مونکي ٽائيم ڪٿي آهي لولين سکڻ ۽ ڳائڻ جو؟ مون چيو واه ڙي شهري ۽ مادرن ماتا! لولي ياد ڪرڻ ڪا ڏکي ڳالهہ آهي ڇا؟ پوءِ مون ٻارڙي کي جهولي ۾ لوڏيندي هينين لولي ڳائي سُماريو، هو جهٽ نندرا ديويءَ جي گود ۾ سُمهين منا سپنا ڏسڻ لڳو ۽ گهڻو وقت سُمهيو پيو هو. اُها لولي هئي:-

ڪنهيا لولي ڪانهہ لولي، ڪنهيا لولي ڪانهہ لولي،

توکي ڪرشن جهولايان، توکي موهن جهولايان،

تنهنجي لالڻ جهلايان ڏولي، جهلايان ڏولي ڪنهيا...

سُر سان ڳايم تہ ٻار سمهين آرامي ٿيو. ننڊ اکڙو ٻار تہ چڙچڙو ٿيندو. ننڊ ڪري تازو-توانو ٿي راند ڪندو، ماءُ کي تنگ بہ نہ ڪندو. پوءِ اسان خوب گهڻن ڏينهن جون ڳالهيون ڪيون جو گڏيا ئي مهينن ۾ هئاسين. ٻار جي ڏاڏي ڪٿي ٻهراٽي تي ويئي هئي. جڏهن موٽي تہ اچي پنيان پئي چئي ديدي توهان جيڪا لولي ڳائي آهي مونکي بہ سيکاريو ۽ ڳائي ٻڌايو تہ لعل کي روز ڳائي سمهاريان. ايترو ئي نہ سنڌي لولين لاءِ اسين ڊائري ۾ پين ڪٽي لعل سائينءَ

ڪري تواريخ ۾ سونن اکرن سان پنهنجا نالا لکائي ڇڏيا. امر شهيد سنت ڪنوررام، امر وير هيمو ڪالاڻي، شري ميگهراج لُلا، سيٺ هرچندراءِ وشنداس، وير هاسارام پمناڻي، شري پريم رامچنداڻي وغيره شهيد ٿيا آهن، جن سنڌ ۽ سنڌين جو ڳاٽ هميشهه لاءِ مٿي ڪري ڇڏيو.

پلا اڄ جون مائرون لوليون ڏيڻ ۾ گهٽ ٿوريئي آهن. تازو مثال آهي ته جڏهن جن-گڻ-من مان "سنڌ" شبد ڪي هٽائڻ جي مهم ڇڙي ته سيني سنڌين جو رت ٽهڪڻ لڳو ته ائين نه ٿئي جو سنڌ جو ورثو ئي اسان کان دور ڪيو وڃي. ان تي سيني سنڌين اهڙي مهم کڻي ڇيڙي جو ڪير اِن ڳالهه کي اڳتي وڌائڻ جي جرئت نه ڪري سگهيو. اِهو معاملو اُتي ئي ختم ٿي ويو. سنڌي جاڳرت آهن پنهنجي ورثي ۽ اڳوڻي سڀيتا-سنسڪرتي ۽ ماتر ڀومي لاءِ، راشٽريه گيت ۾ اسان جي سنڌ اونچو ڳاٽ ڪيو بيٺي آهي، بيٺي هئي ۽ بيٺي رهندي.

اوتارن ۾ جيئن رام ۽ ڪرشن ٻه مانش جنم وٺي ماتا جي لولي جو آنند وٺي سمهندا هئا. رام ۽ ڪرشڻ کي نند آڻڻ لاءِ ڪوشليا ۽ جسودا ماتا کي ٻه لوليون ڏيئي ٻارڙن کي سمهارڻ جا قصا تلسيداس ۽ سورداس جي ڪويتائن، چوپاين ۽ گيتن ۾ ڳايا ويا آهن.

نٽکٽ ڪرشڻ هر هر اکڙيون کولي ڏسي ٿو ته ماءُ جهولي پرسان ويٺي ٻه آهي يا ڏڏ ولوڙڻ ويئي؟ ٻار جيسين گهري ننڊ ۾ نٿو سمهين ماتا کي لولي ڳائڻي ئي ٿي پوي. هندوڙي جو لوڏو ٻه اُن سان گڏ اچڻ ضروري آهي. پڪي ننڊ اچڻ کان پوءِ ٻار پرڻي زماني ۾ ته چار-پنج ڪلاڪ سمهيا پيا هوندا هئا. تڏهن مائر سوچيندڻون هيون ته ٻار جو گلو خشڪ نه ٿي وڃي انڪري جاتو ٿاهي رکنديون هيون. جيڪو جوهرتڪي مصري ۽ ننڍن ڦوٽن کي پيهين ڪپڙ ڇاڻ ڪري رکبو هو ۽ گهڻو وقت سمهڻ تي ٻار کي آڱر سان تر چٽايو ويندو هو ته ٻار سنتوش ۾ سمهيو پيو هوندو هو. اِهو

سنڌ کي جاگرافيءَ جي لحاظ سان پنجن قدرتي ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي:- سرو، وچولو، لاڙ، ڪڇ ۽ ڪوهستان. هر هنڌ جي ٻولي ڳالهائڻ ۾ ڪجهه بدليل سُر هوندا آهن. سري واري ڀاڱي ۾ لوليءَ جو قسم ڇيو ويو آهي. جيئن هڪ لولي هيءَ به سرائڪي ٻوليءَ ۾ هت نه صرف ٻارن لاءِ پر ڪجهه عشق مجازي لولين جي جائزي واريون به آهن.

## جيجل لولي

چوندا آهن ٻار معصوم ۽ ڀولو ٿيندو آهي هر برائيءَ کان محروم. ان ڪري هن کي ڀڳوان جو سروپ مڃيو ويو آهي. هن ۾ ڇل-ڪپٽ نه ٿيندو آهي. ماءُ لاءِ ته هو اکين جو تارو ٿيندو آهي، ساهه ۾ پيئي ماءُ ٻار کي سانڍيندي آهي ڇو جو هو ايڏو نرمل، ناسمجهه ۽ ابوجهه هوندو آهي جو پوري طرح ماءُ تي ئي متاثر ٿيندو آهي. ماءُ کي سڀني ٻارن کان پنهنجو ٻار ئي سندر، پيارو ۽ نماڻو لڳندو آهي. راجا جنڪ جي زماني جي ڳالهه آهي ته اشٽاوڪر جيڪو رشي پتر. جڏهن ٻارڙو هو گود جو ته ماءُ کڻي سکين سان ملڻ وئي. سڀ مائر ٻارن کي گود ۾ رکي وينيون هيون ته اُتي ڳالهه- ڳالهه ۾ اِهو سوال اُٿيو ته ڪنهن جو ٻار سڀني کان سندر آهي؟ اِها ڳالهه جڏهن اشٽاوڪر جي ماءُ کان پڇي ويئي ته هن اهو چوڻ ۾ دير نه لڳائي ته "منهنجو ٻار ئي سڀني ٻارن کان سندر آهي." جڏهن ته اشٽاوڪر اٺن هنڌن ٽيڙو هو. مطلب ته سندر نه هو پر ماءُ جي نظر ۾ هن جي ڪابه ڪمي ماءُ کي نظر نه آئي، پر پوءِ وڏو ٿي هو راجا جنڪ کان شڪشا وٺي وڏو رشي ٿي ويو، ڪُٽي هو. سچ آهي سرير جي سندرتا نه ڏسجي آتمڪ سندرتا ڏسجي ته ماءُ اهڙن ٻچڙن کي لولي ڏيئي آسيس ڪندي آهي ته ٻچا تون سدائين خوش رهين، ڦلجين-ڦولجين، بهادر بڻجين، راجائي مائين، جڳ-جڳ جيئين، شهٽي وني ماڻين، خاندان جو نالو روشن ڪرين، اهڙي هن

جي دربار ۾ وياسين جو لعل جو جڏهن ڀهراڻو ۽ ستسنگ ٿيندو آهي ته سنت-مهاتمائون، ستسنگي، ٻار ڪي لولي به ڏيندا آهن ۽ هر ماءُ جي تمنا هوندي آهي ته ٻار ڪي لولي ڏياري پوءِ ستسنگي ٻار ڪي گود ۾ کڻي لولي ڳائي آسيس ڪندا آهن جيئن ته رنگدار هندورو، ريشمي ڏوري، ڪجل ۽ چوليءَ باري ۾ ڳائڻ. لوليءَ ۾ جهڙو ان تهڙو من واري چوڻي ٺهڪي ٿي جنهن ديش يا ڳوٺ جا جهڙا ريتين رسمن، اُتان جي ٻنين، ساوڪ، وڻ-ٽڻ، چنڊ تارا، ڪاڏو پيتو، ويس وڳا، ڏڻ وار، ورت پوڄا هوندي لولين ۾ به اُن جو احوال ضروري هوندو. سنڌي لوليءَ ۾ سنڌ جي سورمن ۽ هند جي بهادرن ناميارن مهاپرشن جا قصا، اُتان جي آب هوا، مندون، جڳهين ۽ مالن ٽولن جا قصا لوليءَ ۾ هوندا آهن. خاص ڪري ماتا لولين ۾ پنهنجي آسيسن، نينهن ۽ اُڪير جو اظهار ڪندي آهي. ماتا سنڌ جي لوليءَ ۾ سنڌو ندي، اُتان جي سيپتا، سنسڪرتي، درويش، فڪير، قدرتي نظارن ۽ حُب وطنيءَ جو ذڪر ڪري ٻار ۾ جنم ڀوميءَ جي ڄاڻ ننڍپڻ ۾ ئي لوليءَ ذريعي وجهي ڇڏيندي آهي. اسان جي ڏاڏي به اسان ڪي لولي ڳائي سمهاريندي هئي، جا اڄ به ياد آهي.

"ايڪ چندرما نولک تارن،
رڻ پٽ ۾ ته گذارن." يا ديون ڏنڌليون آهن.

هاڻي اچو ته لوليءَ جي قسمن جي ڄاڻ ڪيون. ڪجھ لوليون عشق مجازيءَ جي پئدائش آهن جن ۾ عاشق معشوق لاءِ پريم، جدائي وغيره جو اظهار به آهي.

لولين جا قسم



ايندو پريو تو در ڪاهي،
تنهنجي سنگ ۾ گهمندي ٿولي. پٽ...

ماتا ٻار کي هن جو وار به ونگو نه ٿئي، اؤکي ويل نه ڏسي، سدائين مزا ماڻي اِها ماءُ جي آسيس سچ آهي ماءُ نه صرف ٻار لاءِ ئي املهه آهي پر ٻار پاڻ به پلي ٻارن وارو ٿي پريو مڙس ٿي وڃين ته به ماءُ لاءِ ته هو ٻار ئي رهندو ۽ ٻڌو ٿي به ماءُ جا ٿورا نه وساريندو:-

ماتا جي ٿئي آش اهائي،
ڏينديءِ پنڙا آسيس اِهائي،
اؤکي نه ڏسندين ڪڏهن ڪائي،
تنهنجي رنگ ۾ رچجندي چولي،
پٽ پينگهي ۾ ڏيانءِ توکي لولي،
مٺي رام جي ٻولج ٻولي، مٺي ٻولي. پٽ....

اِن ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته جڏهن کان استريءَ کي ماءُ جو درجو ٿو ملي تڏهن کان ئي لولي به وجود ۾ آئي آهي. لولي ٻارن جي ننڊ لاءِ گيت آهي، هڪ قديم صنف آهي.

هاڻي "ماستر رانجهل" جي هن سنڌو مهڪ واري لوليءَ جو مزو به وٺون :------

لولي لولي ڏيان لال لولي،
سائين ڪندءِ تنهنجي سولي،

١. مکڻ کارايان کير پياريانءِ
تيل ڦليل ۽ عطر لڳايانءِ
هيرن جڙيل گهڙايان ڏولي. ڏيان لولي...

٢. مٺ مائٽ سڀ خوش پيا ٿيندءِ
ٿول ڏيندءِ ۽ ڪڇ ۾ کڻندءِ
رنگ ۾ رنگي تنهنجي چولي. ڏيان لولي...

جي آسيس سچي دل سان ٻار کي لوليءَ ۾ ڏني ويندي آهي.

## ٻچڙن لاءِ لوليون

جڳ-جڳ لال جواني شل ماڻين
سنهڙي سُهڻي ونڙي تون آڻين
شل ماڻي تون لڏڻ سان- لال ڏيانءِ توکي لولي
ڪنهيا لولي ڪانه لولي....

ماتا ۾ سنڌو سنسڪار پريل هوندا ته لولي به من جي ڀاونا جي ترنگن ۾ پريل هوندي، سک ڀري دلي تمنا سُٺن سنسڪارن جي ڪاڻ ڏيڻ لاءِ، داني، ساد-سنگت جو سنگ ڪرڻ وارو، گروءَ ۽ ماتا پتا جو رام جيان آگياڪاري ڏيندين ۽ سک ماڻيندين. اهڙي هڪ لولي ماتا پنهنجي پياري ٻچڙي کي ڏيئي رهي آهي.

پٽ پينگهي ۾ ڏيانءِ لولي،
مٺي رام جي ٻولڻ ٻولي،
١. داتا داني پٽڙو ڏيندين
سوالي خالي ڪين ڇڏيندين
پنهنجا پراوا گهر تون اڏيندين
تنهنجي خالي نه رهندي جهولي. پٽ...
٢. سنگ ساڌن جو ڪندين جاڻي
گڻ گيان جو ڏيندين ڪاڻي
پڙهي گرن جي پريم سان ٻاڻي
ايندو بسنت ڳائيندين هولي. پٽ...

ماتا ته (پٽ يا ڌيءُ) پنهنجي ٻار تي قربان ٿي وڃڻ لاءِ تيار آهي پوءِ دل، تمنائون ٻارڙي کي آسيس ۾ ڇو نه ڏئي.

٣. ساڌ سنگت جي شيوا ڪمائي،
چار پدارٿ ونندين پائي،

۴.    جنم ڏينهن جو واڌايون ڏيندا مڙد مايون،
هئپي برٿ ڊي ٽو يو چئي توکان ڪيڪ ڪٽايان ٿي.
۵.    اِندرپوريءَ جي منا آٽيندين تون اپسرا،
لاڏا تنهنجي ڳائڻ لاءِ ”موتيءَ“ کي گهرايان ٿي.

سنڌو سنسڪرتيءَ ۾ ماتا ٻچڙي کي آسيسون ڪندي ڪيئن
ويچارن ۾ اُڏاڻ ڪري قدرت کي بہ ٻچڙي لاءِ اُن جي ضرورت
ر ناهي لوليءَ ۾ اهڙا رايا ٿي ڏئي جو ڪن ۾ سُر جي سُرهاڻ ۽ من
آنند جي لهر جو احساس پئي ڪرائي. منڙي هير ٻچڙي لاءِ مڌر
ت ٿي ڳائي، هوا هٿن سان جهولو ٿي جهلائي.

ماتا رام ۽ ڪرشن جا مثال ڏئي ٻچڙي کي شُمهاري ٿي جو
م ۽ ڪرشن بہ ماتائن کان لولي ٻڌي شُمهندا هئا ۽ مانک جنم ۾
ي اُهي ئي چيشٽائون ڪيائون جهڙيون ٻار ننڍپڻ ۾ ڪندا آهن.
يئن جسودا کي ڪرشڻ ۽ ڪوشليا کي رام پيارو آهي تيئن تون
هنجي لاءِ پيارو آهين :----

ترج- يشومتي مئيا سي    (فلم- ستيم شوم سندرم)
تل-    گهُران ٿي دعائون تو لاءِ جهلي مان بہ جهولي،
ڏيان لال لولي تو کي ڏيان لال لولي.
۱.    مني هير تو لاءِ منڙا مڌر گيت ڳائي،
هوا ٿي هٿن سان تنهنجو جهولو جهلائي،
باغن مان پنورا آيا ناهي پنهنجي ٽولي، ڏيان لال...
۲.    يشودا کي نند دلارو ڪيڏو نہ پيارو،
ڪوشليا جو رام آهي جيءَ جو جيارو،
منهنجي لاءِ سڀ ڪجهہ تون آ... هاٺي الولي، ڏيان لال...
۳.    مارڪنديہ وانگر منڙا وڏي عمر ماڻي،
ڌرَوَ وانگر روشن ٿيندي تنهنجي ڪهاڻي،
هيرن سان ”موتي“ تنهنجي چٽايان مان چولي، ڏيان لال...

۳.	پيءُ ماءُ جي آڱيا ۾ رهنديـن
جواني ماڻيندين شل جوڏو ٿيندين
سائي هوندي تنهنجي سدا جهولي. ڏيان لولي...

۴.	وڏڙو ٿيندين اسڪول ويندين
ڳانڍي ۽ جواهر لعل جهڙو ٿيندين
"رانجهن" چوي آهي سنڌي تنهنجي ٻولي. ڏيان لولي...

لوليءَ سان جڏهن ترج ٻه ڏجي ٿي ته هن جي سُر ۽ شبدن جي پڪڙ تمام سوَلي ٿي ٿئي ۽ ٻه-چار دفعا هڪ ئي لولي ڏُهرائڻ کان پوءِ ياد ٿي زبان تي چڙهي ٿي وڃي ۽ پوءِ پڻ تائين ئي نه پوڻ ۽ پڙپوٽن تائين ڏاڏي پڙي ڳائيندي ۽ ٻار پيا پلجندا.

هڪ ٻي لولي ٻارڙي جو گهر ۾ احساس ئي سڄي گهر کي سجائي ٿو وٺي. جيجل پٽڙي کي سيني سان لڳائي اهڙو آنند ٿي ماڻي جنهن جو بيان شبدن ۾ ڪرڻ ته ممڪن ئي نه آهي.

ڪجھ لوليون "ساڌ موتيرام" چوي ماتا کي پنهنجو ٻار ايترو ته سندر ٿو لڳي جو هوءَ ٻار جي ڳل تي يا ڪن جي پٺيان ڪارو ٽِڪو لڳائي هن کي هر بري نظر کان بچائي ٿي. چو جو ڏن سمپتيءَ کان وڌيڪ ٻار ئي ماءُ جي پونجي آهي. اهڙي سندر لولي ٻه ڏسو:---

ترج- پئيا ڪا يهه گهر بهنا (فلم- داتا)

ٽل-	لولي ڏئي لالڻ کي جهولي ۾ جهلايا ٿي
پنهنجي پياري پٽڙي کي سيني سان لڳايان ٿي.

۱.	ساري گهر گلشن ۾ تنهنجي مهڪ ٿي پسان،
گهوريان مان جان جسم گهر تو لاءِ سجايان ٿي.

۲.	چنڊ ۽ سورج کان وڌيڪ آهي تنهنجي روشني،
ڪارو ٽڪو ڳل تي هڻي نظر کان بچايان ٿي.

۳.	لکن ۽ ڪروڙن کان وڌ تون آهين منهنجي پونجي،
سهڻا طوطا صدقي وڃان لک تو لاءِ لٽيان ٿي.

جيئن درهياءَ جي چولي، لولي ٻَايان لولي.

ماتا جهولي ۾ لولي ڏيندي ٻچڙي لاءِ ايڏا تي خواب ڏسي ته تون جهٽ وڏو ٿي جواني ماڻ، وِلائت وڃين پنڊت "نهروءَ" وانگر پڙهي ڊگريون وٺي اچ. تون پنهنجي ڪنوار سان خوشيءَ سان جيون آباد رکين. ايڏا سپنا ماتا هيڏڙي ئي ٻار لاءِ اُٺي ٿي وٺي. "موتيءَ" جي هيءَ لولي توهان به ملي ڪري ٻَايو.

ترج - مين اِڪ راجا هون / (فلم - اُپهار)

ٿل - تون پٽ راجا ٿين توکي ملي راڻي
ڪنهنجي نظر نه لڳي توکي تون سدا خوشيون ماڻي.

١. تو لاءِ ٿهندو سونو هندورو سهڻو سٻاجهو ٿيندين سدورو
جهولن ۾ جهولائي توکي پرين جي راڻي.

٢. ڪيئي ته ڏيندا توکي سلامي ڪڏهن نه ڪندين ڪنهنجي غلامي
اهڙا تو لاءِ ڏسان ٿي سپنا تون ونڙي آڻين.

٣. پٽ پڙهڻ تون ولائت ويندين پڙهي تون نهروءَ وانگر ايندين
ايم. اي.، بي. اي. ڪري پڙهائي تون ڊگريون آڻين.

٤. جيسين آهن سج، چنڊ، تارا وڏي عمر تون ماڻين پيارا
کلندي ڪڏندي شال خوشيءَ ۾ تون جواني ماڻين.

ماتا دُعائن متان دُعائون ڪري ٻچڙي کي ڳڻن سان مالا مال ڪرڻ جون آسيسون ٿي ڪري. سندر ۽ ڳوان ٻالڪ کي ته نظر به جهٽ لڳندي آهي. ماتا نظر کان بچائڻ جي دعا به ٿي ڏئيس:---

ترج - چاهي لاک طوفان آئي (فلم - پيار جهڪتا نهين)

ٿل - لالڻ مان ٻَايان لولي تنهنجي آ منڙي ٻولي
جانب تون جڳ جڳ جيئندين ڪنڊ کير سان تون پيئندين
دل ٿي ڪري هيءَ دعا منهنجا موهن منا
سڪڙا تون ماڻين - سدا منهنجا لالڻ منا

١. صبوح ساڻ سورج توڏي ڦهلبون پنهنجون ٻانهون

ماتا ته ٻچڙي جي کِل سان کِلي ٿي ۽ ٻار روئي ته پاڻ به روئي ٿي ڏئي. شل ٻچڙي کي تتو واءُ نه لڳي. ماءُ ور ور اها ئي آسيس ٿي ڪري ته ٻچڙو وڏي آرجيا ماڻي اهڙي ئي ٻي منڙي لولي ٻڌو :-

ترج - ڀول گيا سب ڪڇ (فلم - جولي)

ٿل- جهولو جهلايان ٿي، سينڌ سجايان ٿي هو هو،
منڙي ٻولڇ ٻولي، لولي ڳايان لولي.

١. اکڻ ڪيئي اُجيارو، تون ته پراڻن کان به پيارو
تو ۾ رکيون اتم اُميدون، مونکي تنهنجو آهي سهارو
تنهنجي لاءِ گهران ٿي مان دعائون
تو تي فدا آهن مست هوائون.
صورت ٻالي - ڀولي، لولي ڳايان لولي.

٢. پيرن فقيرن تي تو لاءِ مان باسيون هيون باسون
مس مس مرادون سي پنيون ٿيون دل جو آسيون
تون جو آئين گهر بهار اچي ويئي
خوشيون ڪٽي جڻ هزار اچي ويئي
ڇا ڏياري ڇا هولي، لولي ڳايان لولي.

٣. جڏهن جڏهن تون کلين ٿو، منهنجو من ٿو مسڪرائي
جڏهن جڏهن تون ٿو روئين، منهنجي دل ٿي ڳهبرائي
سائين توکي وڏي حياتي ڏيندو
تنهنجو دک درد دور ٿي ويندو
سائڻ ٿيندءِ سوَلي، لولي ڳايان لولي.

٤. تارن ستارن کان سندر، تنهنجي صورت آ شاهاڻي
پنهنجي پسنديءَ سان ايندين، تون پرڻجي پڙاڻي
سهڻي سڻي تون شل ونڙي آڻين
"موتي" چوي تون شل مؤجون ماڻي

ڏسي پئي لال کي ڏسي. پلا ٻچڙا ھن جي اکين جو سڄ ۽ چنڊ جيڪو ماتا کي روشني ٿو بخشي. تون واپاري ٿيندين ۽ ڪروڙ ڪنا ڪندين. ماءُ پٽ کي آسيسون ڏيڻ ۾ ڪابہ ڪسر نہ ٿي رکڻ چاھي. ڏسو اھڙي پياري لولي:- - - - -

ترج- ھم تمھين چاھتي ھين ايسي (فلم - قرباني)

ٿل- توکي لالڻ ڏيان مان لولي، تون جڳ جڳ جيئين
شل وڏڙو ٿيئين، ماٺي جواني منا ٻول ٻولي.

١. تو لاءِ ھيرن جو ٺھرايان ھندورو، ڏوري ريشم سندي
مان تنھن ۾ وجھي، لوڏيان لالڻ تون ٿيندين سدورو

٢. تنھنجو چمڪي سدائين ستارو، ڏسي توکي جيئان
چنڊ سورج جيان، منھنجي آھين اکين جو تارو

٣. توکي لڳنديون نہ ڪوسيون ھوائون، ڪڏھن دک نہ ڏسين
سدا سکڙا پسين، درويشن جون آھن دعائون

۴. ڪندين سھڻا جڏھن تون شادي، مان بہ نچندس تڏھن
ويندين ساھرن جڏھن، وٺي ايندين سٺي شھزادي

۵. تون تہ ٿيندين وڏو واپاري، "موتي" منھنجا منا
ڪندين ڪروڙ ڪنا، ھوندءِ نؤڪر چاڪر چوڌاري.

سنڌو سنسڪرتيءَ ۾ جيجل نندپڻ کان لولي ڏيئي ٻچڙي ۾ سُٺا سنسڪار پنھنجي آسيسن سان ملائي ڏئي ٿي. ٻچڙو وڏڙو ٿيندو ۽ جٽيون پائيندو. ھر ھندو ذات ۾ اِھو رواز آھي تہ شاديءَ کان پھرين جٽيون ضروري پائيندو آھي تڏھن ئي ھو ھندو چوارائيندو آھي ۽ سنڌين ۾ بہ اِھو ئي رواز سنسڪارن جي روپ ۾ ھلي رھيو آھي. جٽيو چاھي نندپڻ ۾ پائجي چاھي جوانيءَ ۾ پر ڪي ڪي تہ شاديءَ کان ھڪ ڏينھن پھرين بہ جٽيون پائيندا آھن. اڄ ڪلھہ تہ درٻارين ۾ ساموھڪ جٽيان پائڻ جو رواز ٿي ويو آھي. جنھن ۾ ماتا - پتا ٻار کي نندپڻ ۾ ئي جٽيون پائي ھن کي سنڌي سنسڪارن

توکي ڏسڻ جي ڏُن ۾ پنوَرن جون ٽوليون آيون
مؤسم جا مست نظارا هر هر ٿا جهانڪِن پيارا
آهن جو توتي فدا - فدا منهنجا موهن منا.

٢. تنهنجو آ سهڻو چيهرو نيڻن ۾ ساگر گهرو
تنهنجي هن ڪومل تن تي آهي ماءُ جو ڏس پهرو
سپنن جا پنک پساريَ آئي ننڊ نيڻن ڌاري
مست لڳي پئي هوا - هوا منهنجا موهن منا.

٣. مکڻ ماکي ڪارايان سهڻا وستر پهرايان
بچائي بري نظر کان چکي چاتيءَ سان لايان
"موتي" مون باسون باسيون، پوريون ٿيون منهنجون آسون
ماڻي تون جڳ جا مزا - مزا منهنجا موهن منا.

ماڻي هڪ ٻي لولي ڏسون جنهن ۾ ماءُ ٻار کي مکڻ ۽ ماکي چٽائي هن کي جيون ۾ منو ٻولڻ جي آسيس ٿي ڪري. ماکي سرير کي پشٽ ڪرڻ لاءِ شکتي ورڌڪ آهي. هيءَ سرير کي بيمارين کان بچائڻ لاءِ، گلازتن کي دور ڪرڻ لاءِ سکشم ٿيندي آهي. سرير تي گهاءُ لڳڻ تي به ماکي لڳائبي آهي. مطلب ته ماکي سرير لاءِ پشٽي ورڌڪ آهي.
وڏي عمر ماڻين جو مون توکي پيرن کان پني ورتو آهي:- - - - -

ترج - منهنجي ٻارڙي کي لوڏيو (ڏُن - پاڪستاني)

ٿل - توکي هندوري ۾ لوڏي مان لالڻ ڳايان لولي.

١. ماکي مکڻ چٽايان توکي ٻولڻ منڙي ٻولي، توکي...
٢. وائه نه ڪو سو لڳنديءَ ڪڏهن سائٽ ٿينديءَ سولي، توکي...
٣. جهولڻ جوت جڳائي منهنجي ٻنڌس تنهنجي گولي، توکي...
٤. پيرن کان مون پني آ ورتو صورت ٻالي - ڀولي، توکي...
٥. "موتيءَ" وانگي مؤجون ماڻي ماڻي عمر الولي، توکي...

چوندا آهن ماتا جو من آهي ميڻ. ٻچڙي ۽ ٻچڙيءَ لاءِ ته هوءَ ماس به ڪوري ڏئي. ماءُ ته ٻچڙن کي وڏو ٿي ڏسڻ لاءِ پئي سِکي.

ڪ ٻي منڍڙي لولي ڳايون:-

ترج- ڪان ۾ جهمڪا (فلم - ساون ڀادو)

تل- لالڻ ڏيان مان توکي لولي ٻولڇ منڍڙي ٻولي
سائين پرسنرام ٻري آ، خالي منهنجي جهولي
ڏيان لال لولي توکي ڏيان لال لولي...

١. مسري مکڻ مان کارايان، ويس وڳا مان پارايان
سوني سندو نهرايان، تنهنجو هندورو
جهولي ۾ پڻ جهولايان، لوليون ۽ لاڏا ڳايان
تلڪ لڳايان توکي ٿيندين سدورو
راند ڪرين تو، تون وٽي تو، جڻ لڳي تو توسان روشن جهان
گلڙن کان ٻي نازڪ آهين صورت ڀالي ڀولي...

٢. ننڍڙي مان وڏڙو ٿيندين، پڙهي جڏهن تون گهر ايندين
پاس تون ٿيندين پنڙا، هر امتحان ۾
سنتن لاءِ شيواڌاري، وڏڙن لاءِ آگياڪاري
ڳالهه چيم جا پنڙا رکجانءِ ڌيان ۾
وڏي عمر ماڻين شال آڻين پنڙاڻي پيارا صدقي وڃان
"موتي" تنهنجي در تي قسمت پاڻ ٿئي شل گولي...

سچ آهي لولين جي آسيس تا عمر ٻار تي اثر وجهي ٿي ڪي
سنسڪاروان ۽ گڻن ڀريو خزانو تي بخشي. هاڻي هڪ ٻيءَ لوليءَ ۾
ته ٻار ايشور جو روپ ٿيندو آهي ڇو جو هو ڪوڙ، ڪپٽ، ڇل ۽ وير-
ورود، اونچ نيچ جي ڀاونا کان پري نرمل من وارو ٿيندو آهي. هن
لوليءَ ۾ ماءُ ٻه ٻار کي لولي ڏيئي اِهو ٿي چوي ته تنهنجو من ته
هڪ مندر آهي. مندر جو مطلب نشپاپ، پوتر ۽ جيوترمان. پٽ
تون ڀاڳن وارو ٿين. هونئن ٻه چيو ويو آهي وقت کان پهرين ۽ ڀاڳ
کان وڌيڪ ڪنهن کي ڪجهه نه ملندو آهي. اِن ڪري جيڪر ڀاڳ ئي
ٻلوان ٿيندو ته قسمت جو ستارو ته چمڪندو ئي چمڪندو. ڳايو

ڪان واقف ڪرائي ڇڏيندا آهن. سموه جڻئي ۾ خرچ جي بچت، وقت ۽ محنت جي بہ بچت ٿئي ٿي ۽ ماءُ-پيءُ کي گھڻي جفاڪشي نہ ٿي ڪرڻي پئي. هاڻي هڪ بي ماتا جي آسيسي لولي ٻڌو:---

ترج- نظر لڳي نہ ساٿيون (فلم- ديس پرديس)

ٽل- نظر لڳي نا نن‍ڍڙي کي، اري هو هو هو هو
جھولن ۾ جھولي، سدائين ڦولن ۾ ڦولي

١. سهڻو سڀاجھو آهي سدورو منهنجي اکين جو تارو
جنهن کي ڏسي پئي جيئان هميشا منهنجي جيءَ جياريو
واءُ نہ ڪوسو لڳندس ڪڏهن گھر جو آ اُجيارو
ساهہ منهنجي ۾ آهي سمايل پراڻن کان ٻي پيارو
جيءَ ۾ جنهن لاءِ جايون جوڙيان
پير ڪٽي اچ هوريان هوريان
ياڪر پائي چاتيءَ لايان لوليون لاڏا تو لاءِ ڳايان
تنهنجي پائڻ لاءِ سنتن کي روز ڪيم ارداسون
پنيون آسون، جھولن ۾ جھولي...

٢. جڏيون پائڻ کان پوءِ "موتي" ٿيندي تنهنجي شادي
اِندرپوريءَ کان ايندي تنهنجي لاءِ سهڻي شهزادي
گھورون گھوريندا سيئي گڏ جي ڏاڏو توڙي ڏاڏي
پٽڙن پوٽڙن ڏوهٽن سان ٿيندءِ گھر ۾ آبادي
شير شواجيءَ وانگي سياڻو ٿيندين تون مومل جو راڻو
پنهنجا بنگلا پنهنجون ڪاريون لهندين تون سيني جون سارون
آهي اِها آسيس اسان جي ماڻي شال جواني

مٿين سندر لوليءَ کان پوءِ اچو تہ ڏسون تہ ماتا کهڙيون ٿي آسيسون ڪري تہ تون نن‍ڍڙي مان وڏڙو ٿي پڙهڻ ويندي ۽ وڏا امتحان پاس ڪندين، سنتن جي شيوا ڪري، وڏڙن جي آگيا ميين پنهنجو جيون سڦل بڻائج اِهي منهنجون ڳالهيون ياد رکج. هاڻي

اهڙي مني لولي به توهان جي سامهون آهي:-

ترج- آ جا ري آجا (فلم - نوري)

تل- لولي ڙي لولي مان ڳايان تنهنجي منڙا لولي
جهولڻ ۾ جهلايان ڙي، لولي لولي

۱. ننڊڙن ننڊڙن رانديڪن سان توکي راند ڪرايان
ياڪر پائي ڇاتيءَ لائي ٻانهن ۾ جهولايان
لولي ڙي لولي مان ڳايان تنهنجي منڙا لولي
ساهه اندر تہ سمايان ڙي...

۲. رات پياري تارن واري چنڊ تي ساز وڄائي
ننڊ جي راڻي تو لاءِ سياڻي سپنا تي سجائي
لولي ڙي لولي مان ڳايان تنهنجي منڙي لولي
سيني ساڻ لڳايان ڙي...

۳. ڪومل ٻانهون نرمل نگاهون ڪن تيون ڪهڙا اِشارا
"موتي" منهنجي آ آسيسا جڳ جڳ جيئندين پيارا
لولي ڙي لولي مان ڳايان تنهنجي منڙا لولي
تنهنجي سينڌ سجايان ڙي...

ماتا ٻار جي سندرتا جي تشبيهہ قدرتي نظارن سان تي ڪري جو قدرت قادر جو ڪرشمو آهي ۽ سيني ڪان سندر ۽ منموهڪ آهي. ٻچڙي جون اکيون گلابي گل جهڙيون، چيهرو چوڏس جي چنڊ ڪان بہ جلويدار آهي اِن ڪري ئي سڄ صبوح جي روپ ۾ پنهنجون ڪڙڪيون ڪولي تنهنجو انوپ روپ پسڻ جي چيشٽا تو ڪري. مشڪ اهڙي موهيندڙ جو پريون پرستان مان ٻچي ڪي پسڻ پيون اچن. ڏسو هڪ ٻي منڙي لولي:-

ترج- دل ڪي ارمان آسوئون ۾ بهہ گئي (فلم -نڪاهہ)

تل- پائي پينگهي ۾ ڏيان تي لوليون
تيون وڻن تنهنجون منيون اچ ٻوليون

هيءَ منڙي لولي توهان به:-

ترج- ڪيي کولي نا تجوري ڪا تالا (فلم - ودائي)

ٿل- تنهنجو کلندو سدائين ستارو

تون ته ٿيندين وڏي ڀاڳ وارو

منهنجي جيءَ جو آهين تون جيئارو تون ته ٿيندين وڏي

جهول جهولو جهول جهولو جهول جهولو

١. بخمل جان تون ڪومل آ، گلڙن کان به نازڪ آ

ڪيڏيون نرم نگاهون تنهنجون ڪچڙيون ٻانهون تنهنجي

وٽندڙ تنهنجو چهرو آ، چنڊ ڪو ساگر گهرو آ

صورت تنهنجي سندر آ، من چنڊ تنهنجو مندر آ

سورج وانگر روشن تي ماءُ پيءُ جو نانءُ ڪيين

منهنجي آهين اکين جو تون تارو، ته ٿيندين وڏي ڀاڳ وارو...

٢. جٽيون جڏهن پائيندين ويس وڳا ٺهرائيندين

پنهنجو پاڻ وٽائيندين مال مڻايون کائيندين

مائٽ مڙئي گهرائيندين نانيءَ کي به نچائيندين

ناڻو خوب ڪمائيندين سو ٿيندو جو چاهيندين

بڙلا وانگي سيٺ بڻي تون سيني کي شال وٺين

تون ته پبلڪ جو ٿيندين پيارو، تون ته ٿيندين وڏي ڀاڳ وارو...

٣. سنبري ويندين شاديءَ لاءِ تون سهڻي شهزاديءَ لاءِ

ماءُ پيءُ گهورون گهوريندا ساهرا پڻ ڏاجو ڏيندا

ساليون سالا خوش ٿيندا پئنچ پليٽون کائيندا

”موتيءَ“ کي به مڻائيندا لوليون لاڏا ڳائيندا

ڪريو دل سان دعا هن کي يارو، تون ته ٿيندين وڏي ڀاڳ وارو...

ماتا ٻارڙي کي ٻانهن جي جهولن ۾ ٿي جهولائي ۽ لولي ڳائي.

هن جي هر اِشاري ۽ ٻوليءَ تي اول گهول ٿي وڃي ۽ آسيسا ڪندي

چوي ٿي تون ننڊ ۾ به پرين ۽ قدرتي نظارن جا سپنا ڏس. هڪ ٻي

شل بري نظر نہ لڳئي، اهڙي منهنجي آسيس اٿئي. ايشور جي
موتي مهر وسندي رهي جو ڪڏهن بہ دک نہ ڏسين. ايڏو لائق ٿين
جو وير ٿي دشمنن تي بہ وجيہ پائين اُهي تنهنجي اڳيان جهڪن
ايڏي لياقت توکي ڏٽي بخشي. ماتا جي آسيس پري هڪ بي لولي بہ
ڳايو:-

ترج- اِڪ تارا بولي (فلم - يادگار)

ٹل- ڏيان لالڻ توکي لولي، تون ٻولڇ منڙي ٻولي
نندڙي مان وڏڙو ٿين.
شال جواني ماڻيندين، جڳ جڳ جيئن، لولي لولي لولي...

۱. توکي مست هوائون چاهين ٿيون
تنهنجي در تي ڦيرا پائين ٿيون
سپنن ۾ پريون ڏس توکي
ڪيئن جهولن ۾ جهولائين ٿيون
تون پنهنجي پتا جو پيارو آ
جيجل جو جيءَ جيئارو آ جڳ جڳ جيئين...

۲. تون گهوٽ بڻي گهوڙيءَ چڙهندين ۽ گهر ۾ ونڙي آڻيندين
ساليون سالا سڀ شُهڇ ڪندءِ مومل سان مؤج ماڻي
تنهنجي سونهن سڄڻ اهڙي آهي.
چوڏس جو چنڊ ٻي شرمائي جڳ جڳ جيئين...

۳. توکي بري نظر نہ لڳي ڪنهنجي
آسيس اٿئي پٽڙا منهنجي
"موتي" مالڪ شل مهر ڪري
سڀ اهنجيءَ مان ٿيندءِ سهنجي
ٿي وير وجيہ تون پائيندين دشمن کي نيٺ جهڪائيندين
جڳ جڳ جيئين...

ڍولڻ راهيءَ جي هيءَ لولي بہ منڙي آهي:-

۱.	تون گلابي گل اکين جو نور آ
ماڻي شل ڏينهن وار ڏياري هوليون
۲.	تنهنجي اڱيان چنڊ چوڏس جو ڦڪو
پسڻ لاءِ تنهنجي سڄ ڪڙڪيون کوليون
۳.	تون جيئين جڳ جڳ دعا دل تي ڪري
ڪير سمجهي پيار جون هي پروليون
۴.	مشڪ تنهنجيءَ موهي ”موتيءَ“ کي چڏيو
ڏسڻ آيون اڄ پيرن جون ٽوليون.

ماتا ٻار ۾ ايشور جو روپ ئي پسي ٿي. هن جي صورت، مورت، راند، ٻولي، انگ جي هر چيشٽا ماءُ کي ئي نہ پر هر ڏسڻ واري کي لُڀائي ٿي وٺي. ماءُ لاءِ ٻار جيون جو سهارو، جيئڻ جو جيئارو، ساهہ کان وڌ ستارو آهي. شل جيئي ۽ هن جي جيون ۾ سدا سک سمايو رهي. اچو تہ هڪ ٻي نئين لولي ٻڌايون:-

ترج- دشمن نہ ڪري دوست ني وو	(فلم-آخر ڪيون)
تل-	ڀڳوان ڪري جيئندو رهين لال دلارا
آسيس آ اِها منهنجي جيون جا سهارا
۱.	توکي ڏسي لڳي ٿو ڀڳوان ويو اچي
تون راجڪمارن جيان لڳين ٿو پيارا
۲.	تنهنجي ڪلڪ سان سارو تن-من منهنجو کِلي
موهين ٿو پنهنجي مشڪ سان او جيئڻ جا جيارا
۳.	مون توکي نپايو آ وڏي پريت پيار سان
سانڊيو مون توکي ساهہ کان وڌيڪ ستارا
۴.	اکين ۾ آس آهي دل ۾ آ تمنا
شُکر ”موتي“ ملن توکي دنيا سندا سارا

سنڌو سنسڪارن مطابق ماتا ٻچڙي کي لوليءَ ۾ سالن سالن جا شُهج ماڻڻ، ونڙيءَ سان مؤجون ماڻڻ جون آسيسون ٿي ڪري.

بهادري ڏيکاري اؤکيءَ ويل ديش جي ڪم اچي ديش جو نانءُ
وشن ڪرڻ جي آسيس پنهنجي انترمن سان ٿي ڪري. ٻول منڙا ۽
ڻؤلا آهن. "پرسرام ضيا" هڪ اعليٰ شاعر هئا جن جا ڀڳتيءَ پريا
ڄن ۽ گيت عام ۾ خاص جڳهه والارين ٿا. هنن ٻارڙن لاءِ به گيت ۽
يءَ لولي به لکي توهان به پڙهو:-

ٿل:- لولي لعل لولي، ڏيانءِ لعل لولي،
وڏي عمر ماڻيندين، تون ماڻي اَلولي.

١. هندورن ۾ جهولين تون سدا سُهڄ ماڻين،
راجا بڻي شل پٽ راڻي آڻين،
هلي تنهنجي ڇڇ سان، او پرين جي ڪا ٽولي.
لولي لعل لولي...

٢. تنهنجي بخت جو شال چمڪي ستارو،
جهُڪي تنهنجي قدمن ۾ هر شان وارو،
تنهنجي در تي قسمت ٿئي پاڻ گولي.
لولي لعل لولي...

٣. ڪندين ديش شيوا وڏو وير ٿيندين،
ڪتب ملڪ پنهنجي کي اوکيءَ ۾ ايندين،
اگهائي ڏٺي شال هيءَ منهنجي ٻولي
لولي لعل لولي...

(پرسرام "ضيا")

در اصل مونکي گهڻين لولين جي درڪرار هئي ۽ لوليون ملي
سگهيون پر چوندا آهن ته "همتي مردان، مددي خدا" جي چوٽي
اڪار ٿي. مون وٽ "ڪمل ڀڳت" جي فون آئي ته منهنجو ڀڳت
ڄ پروگرام دوردرشن تي رات ڏهين بجي ايندو توهان ضرور ڏسندا
اوڙي پاڙي کي به ٻڌائيندا. مونکي تمام خوشي ٿي ته ڀاءُ "ڪمل"
نکي ياد ته ڪيو.

لولي او ٻچڙا لولي، لولي لولي
جيئين منهنجا ٻاررا هيئڙي جاهاررا
دل جا دلارڙا، منهنجي من ٺارڙا
لولي...

١. لکي پڙهي تون لائق ٿيندين
ابيءِ امڙ کي سوَ سک ڏيندين
ماٺيندين لال الولي... لولي...

٢. منهنجي اکين جي تون ئي جوتي
مان سپ ۽ تون منهنجو موتي
سائين پري ٿم جهولي... لولي...

٣. تون ڄائين مان ماءُ سڏايان
ڪيڏو سک ۽ آنند پايان
سونهن ڏسي تنهنجي ٻولي... لولي...

٤. سنڌي آهين، سنڌي رهندين
نانءُ سنڌيت جو روشن رکندين
ٻولج سنڌي ٻولي، ٻولج پنهنجي ٻولي... لولي...

مٿين لولي سنڌي ساهتيڪار ۽ ساعر ”ڍولڻ راهيءَ“ ڪهڙي نہ مٺن شبدن ۾ لکي آهي. سچ آهي ڪنهن بہ ڏن، سمپتيءَ کان ماءُ لاءِ ٻار ئي املهہ آهي ۽ جيئن ئي هو ماءُ تي نهي. ٻار سان ٻار ٻٽي آنند تي ماٺي ۽ جيئن سپ ۾ موتي محفوظ رهندو آهي تيئين ٻار بہ ماءُ جي گود ۾ اوترو ئي محفوظ رهندو آهي. سنڌي ٻولي ٻولڻ لاءِ تہ جنم کان ئي هن کي سنڌي اکرن جا پرلاو ڪنن تي پوڻ کپن جيئن هو جهٽ اکرن کي جهٽي وٺڻ ۾ سکشم ٿيندو.

هڪ ٻي لولي جيڪا ”پرسرام ضيا“ جي لکيل آهي تمام سندر ۽ آسيس ڀرين شبدن ۾ اُٺيل آهي. ماتا ٻار کي راجا جي روپ ۾ شان وارو تي جيون ۾ ترقي ڪندي، ديش شيوا ڪندي، پنهنجي همٿ

چڏي. توهان بہ پڙهو:-

## نياڻين لاءِ لوليون =-

ترج- يهہ پردا هٽادو (فلم - ايڪ قول دو مالي)

تل- او ياڳن واري نياڻي تون ٿيندينءَ هردم سياڻي
منهنجو سائين پرسنرام تنهنجو ڀاڳ بڻائيندو
اڙي او ڀاڳن واري بيبي توکي ڀاءُ پڻ ڏيندو

١. سهڻي سڀاجهي صورت تنهنجي لڳي ٿي ڀالي ڀولي
جڏهن تہ لڳين ٿي هور پري تون وٺي ٿي تنهنجي ٻولي
صورت ڀي آهي شاهاڻي تون شال جواني ماڻي.

٢. ڪنهن ڏينهن ايندينءَ سنتن درتي پري پتاشن جهولي
ڀاءُ ننڍي کي ڪڇي گود ۾ ڏياريندينءَ تون لولي
اُتي امرت ويل نماڻي پڙهجانءَ گرن جي ٻاڻي.

٣. گهوٽ چڙهي گهوڙيءَ تي ايندءِ ٿيندءِ جنهن ڏينهن شادي
"موتي" پٽڙن پوٽن سان گهر ۾ ٿيندءِ آبادي
تون ٿيندينءَ ڪنهن ڏينهن راڻي سمجهي وڃ ڳالهہ سياڻي.

هيءَ لولي "ساڌ موتيرام" جي لکيل آهي جنهن ۾ جنم کان وٺي پري ٿيڻ جي آسيس ڪئي وئي آهي. تمام دِلي آسيسون هن لوليءَ ۾ سمايل آهن.

مائر ڌيئرن کي نياڻي چونديون آهن ۽ هن کي لاڏ ڪوڏ سان نپائي نازن نخرن سان وڏو ڪنديون آهن. جو نياڻيون تمام سڀاجهيون ۽ ڪومل ٿينديون آهن. اُنهن جا وار سنوارڻ، چوٽيون ڪرڻ، سرمو ڪجل لڳائڻ تہ چوڪرين کي ئي نهي. فيشنيبل فراڪ، فراڪن ۾ نوان-نوان ڊزائين هجن اهڙي ماءُ جي منشا ٿيندي آهي. چوڪريون ڇوڪرن کان وڌيڪ ڌرمي ويچارن جون ٿينديون آهن. اِن ڪري وڌيڪ مانيٽيون ۽ گڻن پريون ٿينديون آهن. ڇوڪرين جي سونهن بہ جلوبدار ٿيندي آهي. اُن جو ماءُ ڇوڪري کان وڌيڪ

سان گڏ مونکي ويچار آيو تہ "ڪمل" وٽ بہ لولين جو جکيرو ٿي ٿو سگھي جو هي سنگت ۾ ٻچڙن - ٻچڙين کي لوليون ڏيندا آهن.

مون "ڪمل" کي وينتي ڪئي تہ جيڪي لوليون هنن وٽ هجن مونکي ٻڌائن جو مان لولين تي ڪتاب لکي رهي آهيان. "ڪمل" چيو ها مون وٽ لوليون تہ آهن پر مونکي پڪت لاءِ ٻاهر سياٽي ئي وڃڻو آهي. هاڻي تہ هيڪارين منهنجي ننڊ ڦٽي پئي. مون چيو توهان اچي ڏيئي سگھو تہ تمام سُٺو نہ تہ مان ئي اچان. "ڪمل" چيو مان لوليون هٿ ڪري توهان وٽ خود ايندس ۽ پاءُ "ڪمل" اهو ڪرشمو ڪري ڏيکاريو. پنهنجي قيمتي وقت مان ٽائيم ڪڍي هو نهنو، نماڻو ۽ سباجهو اِنسان منهنجي گھر کھي آيو. مونکي تہ اکين تي وشواس ئي نہ ٿيو. جو هو تمام بزي ٿا رهن ۽ اچ ڪلهہ ڪير ڪنهن جي مدد ڪرڻ بہ گوارا نٿو ڪري "ڪمل" مونکي ڪافي لوليون آڻي ڏنيون ۽ ٻيون بہ ڳولهي ڏيڻ جو واعدو ڪيو آهي.

"ڪمل" مونکي اِهو بہ چيو تہ توهان جو ٽاپڪ "هٿ ڪي" آهي. ٻي ڳالهہ تہ مون چيو مونکي نياڻين لاءِ لوليون ڪپنديون هيون ڇا سنڌيءَ ۾ اهڙيون لوليون ڪونهن؟ هندي فلمن ۾ تہ آهن جن جو مون نياڻين جي ڪري ذڪر ڪيو آهي.

"ڪمل" چيو مان تہ نياڻين کي بہ اُن شدت سان ئي لوليون ڏيندو آهيان جيتري شدت سان پٽڙن کي. اڄ سنڌي سماج مان پٽ ڌيءُ ۾ فرق ڪرڻ جي ڪُرسم ڏکجي چڪي آهي. پاڻ نياڻيون ماءُ پيءُ جو وڏيڪ نانءُ روشن پيون ڪن. چاهي اُهو پڙهڻ ۾ هجي چاهي نوڪري ڪرڻ ۾، چاهي گھر گرهستي سنڀالڻ ۾ هجي يا سس - سهري ۽ ماءُ پيءُ جي شيوا ڪرڻ ۾ مون وٽ آهن ٻچڙين لاءِ لوليون. مونکي بيحد خوشي ٿي جو "ڪمل" منهنجي گھر تي پيرڙا اُٿاريا ۽ نياڻين لاءِ لوليون ڏيئي منهنجي وڏي مشڪل آسان ڪري

۱. لکن ڪروڙن وارو ملندو توکي گھوٽ گھراڻو
پنھنجا بنگلا پنھنجيون ڪاريون اھڙو سجڻ سياڻو
نوڪر چاڪر حڪم مڃيندءِ ڏيندين ءَ تون سيئياڻي
۲. هيرن سان تون رانديون ڪيلين پائين موتين مالھا
ساھرن تي شل سائت پوندءِ بخت بہ ڏيندءِ بالا
سڄي سون سان سٽيل هوندين ءَ سُڪڙا ڏيندءِ ساڻي
۳. گھوٽ پنھنجي سان گڏجي گھمندين ءَ ديش وديش ولائت
ملندءِ "موتي" سوين سوڪڙيون ڏسي ڪائنديئن حيرت
سئر ڪندين ءَ سنسار سڄي جو ياد ڪجانءِ هيءَ واڻي

لوليءَ ۾ ڪنھن بہ ديش جي سنسڪرتي ءِ ٻولي، حقيقي ءِ عوامي زندگي، ڌرم، ريتين-رسمن، اُتان جي ماڻھن، ڏڻ وارن جو چتر چٽيل هوندو آهي جيڪو لوڪ گيتن وانگر لوليءَ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جيئن جھانسيءَ ۾ لڪشمي ٻائيءَ جي بهادري جو ذڪر ضرور ايندو، مهاراشٽر ۾ شواجيءَ جي وير رس جو پاءُ پريل هوندو، راجسٿان ۾ مهاراڻا پرتاپ ءِ ڀيلن جي بهادريءَ جا قصا ايندا آهن. تيئن سنڌو سنسڪرتيءَ جو اِتھاس ۾ سونن اکرن ۾ لکيل ورقن جا قصا بہ ضرور ايندا آهن. جيئن تہ سنڌو نديءَ جي سڀيتا چوائي ٿي، انڊس ويلي سوليزيشن، موهن جو دڙو، جي سنڌو سنسڪرتي پنج هزار سال اڳ جي سڀيتا ۾ لکڻ-پڙهڻ ڄاڻيندا هئا ءِ ويدن ءِ ديول سمرتي، جل جيوتي، پپر، تلسي، ديوتا پوڄا وغيره جا قصا بہ لوليءَ ۾ اچن ٿا. ان ڪان انڪار نٿو ڪري سگھجي سنڌو سنسڪرتي ئي اسان جي ننڊ-پڻ جو هندورو، جوانيءَ جي مستي ءِ ٻڍاپي جو تيرٿ آهي. ڏسو هيءُ بهادريءَ سان ڀريل ماءُ جي لولي:-----

لولي ڏيان لولي او ننڊڙا توکي لولي
هر هر وڃان گھولي ٻچا توکي ڏيان لولي

ڏيان رکي هن جي سونهن وڌائڻ جا جتن بہ ڪندي آهي.
ماءُ يا سنتن جي نياڻي کي لولي ٻي بہ آهي:-
ترج- دو ديواني دل دل ڪي (فلم - گووا)
ٽل- تون سائي ساڙهي پائي ۽ گجرو لڳائي
ويندين ۽ تون ويندين ۽ مومل سسرال...
١. گهوٽ چڙهي موٽر ۾ ايندءِ لاڏ ڪوڏ مان گهر ۾ نئيندءِ
ڏسي ناٽ نخرا ۽ ناٽ
٢. پڪچر ۾ ٻئي گڏجي ويندا، ربڙي ملائي چولا کائيندا
هٿ ۾ هٿ ڏيئي گڏجي گهمندا ٻئي
٣. فوٽو ڪڍائڻ باغ ۾ ويندا، شاپنگ لاءِ بزار ۾ ايندا
هزارن واري ساڙهي ڪا نيري ڪا ٻاڙهي
٤. سس سهرو تو تان صدقي ويندا هر هر ”موتي“ گهورون گهوريندا
هيرن سندا هار ملندءِ هزار.
واهہ پائي واهہ نياڻيون تہ جايون ۽ ساهري بہ پهچي ويون.
اُتي سک پيون ماڻين. هر ماءُ پيءُ جي اِها ئي تمنا هوندي آهي تہ
پوءِ چو نہ اهڙي آسيس ڪن. نياڻي وڏي ٿي گهمي گهتي، کائي
پئي، پنهنجي گهوٽ سان خوش رهي اِهائي آسيس وڏي آهي.
هيرن موتين سان جهنجهي رهي ۽ سس سهري ۽ پتيءَ جي پياري
رهي.
نياڻيءَ جي قسمت زوردار رهي، هوءَ لاڏ ڪوڏ ۾ پلجي ۽
بنگلن ۾ رهي ۽ ڪارين ۾ گهمي، نوڪر چاڪر هن جي چئني پاسي
شيوا لاءِ پيا واجهائين. گهوٽ سان وديش گهمين، خوش رهين اِهائي
آسيس سنت ۽ ماتا گهري ٿي هن لوليءَ ۾:-
ترج- جو رات ڪو جلدي سوئي (فلم - بن مان کي بچي)
ٽل- او قسمت واري نياڻي، دنيا جون موجون ماڻين
لاڏ ڪوڏ مان منڙي منهنجي، ٿيندين ۽ تون پٽ راڻي

منهنجا لال مٺي ننڊ سمهي رهو،
خدا ڪري منهنجو گل پنهنجا هٿيار سنڀالي،
معنيٰ تلوار، بندوق ۽ ڪٽار.

## ٤- واقعاتي لولي

لولين ۾ واقعات، ماحول، روايتن جو ذڪر هوندو آهي:-

ٿيندين ٽيئونرام جيان ۽ ٿيندين ليلاشاھ،
نانڪ نرنڪار ٿي ڏيکاريندين سڀ کي راھ،
سي تہ سيئي ڏيندا توکي گيان سندي لولي. لولي...

## روائتي لولي

اڳئين زماني ۾ واپاري واپار سانگي سمنڊ پار غوراب مال سان پرائي پرديس ويندا هئا تڏهن پالدار ٻيڙيون هونديون هيون. سفر ۾ مهينا لڳي ويندا هئا، گهڻو ڪري مينهن جي مندن ۾ ئي واپاري گهر موٽندا هئا. پر جڏهن هوائون سٺيون نہ هونديون هيون تہ هو هيڪارين دير سان گهر پهچندا هئا. جيئن سنتارائڻ جي ڪٿا ۾ آهي تہ واپاري ۽ هن جو ناني ڪافي ڪجهہ وقت ڪان پوءِ گهر پهتا. اهڙيءَ طرح سهاڳڻيون ورن لاءِ باسيون باسينديون هيون، جنهن ۾ دل جا سور لولين جي روپ ۾ چونديون هيون، جنهن ۾ پيار ۽ وڇوڙي جو احساس پيريل هوندو هو. ڏسو ور لوليءَ جي هڪ روپ جنهن ۾ ورهي نايڪا نائڪ کي لوليءَ جي روپ ۾ پنهنجا ڏک ٿي سلي :-

لولي لولي، مان آهيان تنهنجي گولي،
جهلي اٿم جهولي، لولي لولي لولي،
توکي چوان لولي،
١.  وڻن جهليو ٻور، مارو ٿم دور،
وڌيو دل جو سور،
توکي چوان لولي،

۱. وڏو ٿيندين نيتا ٿيندين وير جواهر لال
شواجي ۽ راڻا جهڙو پنو پهلوان
ماتا تنهنجو مکڙو ڏسي سدا ٻائي لولي. لولي...

سنڌ کي جاگرافيءَ جي لحاظ سان پنجن قدرتي ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي:- سرو، وچولو، لاڙ، ڪڇ ۽ ڪوهستان. هر هنڌ جي ٻولي ڳالهائڻ ۾ ڪجهه بدليل سُر هوندا آهن. سري واري ڀاڱي ۾ لوليءَ جو قسم ڇيو ويو آهي. جيئن هڪ لولي هيءَ به سرائڪي ٻوليءَ ۾ هت نه صرف ٻارن لاءِ پر ڪجهه عشق مجازي لولين جي جائزي واريون به آهن.

## ۲ - مجازي لولي

۱. اُيي دا جوڳي ڪوئي لا ڙسداڻا
ديس وسئي ڪوئي موتي دا داڻا، مارو لولي، بگالولي
۲. اُيي داپکي، جهڙلهيدا مينهن
مبت جو ملان اچ، جمع ڏينهن بگالولي، مارو لولي
(نوٽ) مٿين لوليءَ ۾ به انترا آهن.)

بگالولي، مارولولي هر بار پڇاڙيءَ ۾ ڊُهرايو ويندو آهي. هيءَ سرائڪي ٻولي ۾ آهي، اهڙيءَ طرح:-

## ۳ - شاعراڻي لولي

هندو ماءُ جي لوليءَ ۾ هڪ ٻي آسيس ڀريل لولي :-
پٽ پهلوان ٿيندين، مايا ۾ مهربان ٿيندين،
ڪيڏي وڏن ڳڻوان ٿيندين، ديالو دياوان ٿيندين،
اِها لال لولي ڏيانءِ، اها لال لولي ڏيانءِ.

هر ماءُ جيڪا ڪنهن به ديش، ذات يا صوبي جي هجي اُتان جون سيني جون لوليون الڳ-الڳ ٻولي ۽ سُرن ۾ آهن پر سيني ۾ ماءُ جي آسيس ۽ جذبا آهن. بلو جي ماءُ جي لوليءَ جو روپ ڏسو :-
لولي منهنجي لاڏلي ٻچي کي،

سادي سودي ٻوليءَ ۾ محبوب جي وڇوڙي، انگل آرن ۽ ناز-نخرن جو ذڪر ٿيندو آهي. انهن لولين ۾ دلي تمنا، سڪ، پيار ۽ محبت جو اظهار آهي. نائڪا ڪان جُدائيءَ جو درد نٿو سٺو وڃي. چوي ٿي تنهن ڪان تہ موُت اچي جو سانوڻ ۾ وڇوڙي جو درد وڏي ويندو آهي:-

پار دريائون، ڪوئي تتر تنواري،
ستان آوڻ چوڙيا، سانوڻ موت ماري
پر وري نايڪ سان ملڻ جي چاهہ رکندي موت بہ نٿي چاهي:-
پار دريائون، ڪوئي تتر تنواري،
هيڪر جو ملون، گهر موت ماري،
سهڻل لولي لو، جاني لولي لو.
حجت ڪري ٿي چوي چو پلا تون ٻالهائين نٿو، تنهنجو وات چا ڪنهن سبي چڏيو آهي. هيءُ تہ دل جو سوُدو آهي، مون توکي زور تہ نہ ڪيو آهي. مطلب تہ پريم، عشق ۾ عاشق معشوق ۾ برابر پريم هجي. تاڙي هڪ هٿ تہ نہ وڄندي آهي. ڪنهن عاشق چيو بہ آهي:----

”دونو طرف هئہ آگ برابر لگي هئي.“
ورهہ نائڪا چوي ٿي :-
پار دريائون، ڪوئي تتر تنواري،
ان سگ بيني هان، وڇ ويسر پولي
سهڻل لولي لو، جاني لولي لو،
تون نہ آلاوين، تيڏا وات ڪنهن سيتا
دليان دا سودا هي، مين تيکون زور نهين ڪيتا
سهڻل لولي لو، جاني لولي لو.
نائڪا چوي ٿي، جيڪو چلهہ تي سو دل تي، تون ڪمائڻ نہ بہ ويندين تہ اُن ڪوت کي مان واليون وڪڻي پورو ڪندس، پر پرديس

٢.  وڻن جهليا ٻير، چمان تنهنجا پير،
ڏسان ويٺي سير، لولي لولي لولي،
توکي چوان لولي،

٣.  وڻن جهليا انب، ڏنا ٿئي ڏنب،
دنگائي وئين دنگ لولي،
توکي چوان لولي.

سُهاڳڻ جو سور سهڻ کان پري آهي. هنديءَ ۾ بہ ورھ نائڪا جي لاءِ گهڻيئي گيت رچيا ويا آهن. نائڪا سُڪندي ٿي وڃي. هن جي بک پياس ختم ٿي ويئي آهي. بس نائڪ کي ڏسڻ جي چاهنا ۾ جي رهي آهي. ياونائن جي سيلاب ۾ وهي ٿي چوي:-

٤.  ڪان ڪاڏم ماني، مان تنهنجي ٻانهين،
دلبر! آءُ ني....

٥.  ڪڏهن ايندين هت، توکي ڏسان نت
چريو ڪيئہ چت....

٦.  توکي سنپالي ساھ، ڪير ڪندو ڳاھ
توسان آهي چاھ....

٧.  کهڙي وئين ڪم دير نہ لاءِ دم
باقي بچيو آڇم....

مٿين سٽن ۾ ياونا جي جوت جلي ورهي نائڪا جي لولي بڻي ٿي پوي. هنديءَ ۾ بہ ورهي نائڪائن جو اهڙو ورڻن آهي جيئن رام جي ويوڳ ۾ سيتا جا چيل دوها ۽ چوپاين ۾ تلسيداس جي ڪويتا ۾ پرڪٽ ٿيا آهن. سيني کان ياوڪ ۽ سڃيو ورھ جو ورڻن راڌا جو ڪرشڻ لاءِ ورھ تڏهن ٿو ملي جڏهن هو متراڏيش ٿي هليو ٿو وڃي. راڌا جا گوپيون ۽ ڳايون بہ ڪرشڻ جي ورھ ۾ اُداس ۽ بي جان آهن.

## ۾ لولي

مجازي لوليءَ جو ٻيو روپ دل گهرين دوستن لاءِ چيل آهي.

لنئہ ڪانگل مني لات.

## سينگاري لولي :-

شاعر پنهنجي محبوب لاءِ شاعريءَ رستي سينگار جا بيت
چئي نائڪا يا نائڪ لاءِ عمديون ۽ ڪلپنا سان پرپور سينگاري نموني
۾ تشبيهون ڪري اُن کي ياد ڪري پوءِ وڇوڙي جو وقت ملن جي
وقت جون يادون ياد ڪري پنهنجي ڏکي وقت کي سُکي وقت جي
ڪلپنا سان سُکي بڻائيندا آهن :-

تون هلي آءُ سڄڻ، تون هلي آءُ
تنهنجون يادون تم جان ۾،

هنديءَ ۾ بہ سورداس راڌا ڪان ڪرشن کي ڪانگل جا سنديش
پهچايا آهن. اِن لاءِ هن کي کير کنڊ ۽ سون جي چنهنب مڙهائي
ڏيڻ جي رشوت ڏئي ڪرشن جي راس ليلا جي وقت کي ياد ڪري
پنهنجي وڇوڙي جي درد کي گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ميگهدوت ۾ بہ ڪاليداس ميگهن يا بادلن کي سنديش واهڪ
بڻائي نائڪا کي پنهنجي من جي ڀاونائن جي اُدگارن جو اظهار
ڪيو آهي. صرف سنڌيءَ ۾ ئي نہ، هر ٻوليءَ ۾ اهڙيون شاعريون،
بيت، ڪويتائون ۽ گيتن جي صورت ۾ سنديش پهچايا آهن.

**واقياتي لوليءَ** جا ڪجهہ ٻيا بہ مثال هيئن آهن:-

ڪن واقين، حادثن جو اُپار ۽ للڪار بہ هوندي آهي.

هن لوليءَ جو مثال عارب ماڇيءَ جو آهي. چيو ويو آهي تہ
عارب ماڇي گهوٽڪي سکر جو رهاڪو هو. هو بهادر هو. هن جي
سورهيائيءَ جي ساک هئي. هيءُ رُڄ مڙس هڪ جهيڙي ۾ مارجي
ويو. هن جي وڇوڙي ۾ سندس زال نوران ڪارا ڪپڙا پائي پارڪيندي
لولي تي ڏئي:-----

عارب جي هوندي، نوران پٽڙو هنڊايو،

نہ وڃڻ ڏيندس:----

لاڙ جو ويندين، وڃ ڪيا جو ڪريسن
ماندا جو ٿيسين، بينا ڏينهن ڳڻيسين
سهڻل لولي لو، جاني لولي لو....
لاڙجو ويندين، تيڪون وڃڻ نہ ڏيسان
ڪنان ڏيان واليان، تيڪون ويڇ ڪويسان
سهڻل لولي لو، جاني لولي لو.

## شاعراڻي لولين جا قسم

سُرائتي لولي    سينگاري لولي    مذهبي لولي

سُرائتي لولي :- اِهي لوليون جيڪي سُر مومل، سر سسئي، سر سورٺ وغيره جي سُرن ۾ چيل آهن. ڪانگل کي نياپا ڏئي پنهنجي جذبن جو اظهار ڪرڻ انهن جا ڪجھ مثال بہ آهن :-

لولي سسئي پنهون، وراڻي، هوت پنهل تون هيڏي آءُ
پنهل منهنجو وير پري ڏيرن مون سان ڏاڍ ڪري
ڏوہڻ چڏي ڏار ڪري ڪيڏي ٿي آ مون سان ڪار
هوت پنهل تون هيڏي آءُ.

ڪانگل لولي :- ڪانگل کي پنهنجا سنيها نايڪ تائين پهچائڻ لاءِ نائڪا ڏئي ٿي:-----

لات- لئہ ڪانگل مني لات ڪنڌ ڪير تنهنجي وات
سچي ڪرمون سان بات ڪڏهن ايندا مون پرين،
ويجهو اچي ويهہ ٿلي ڏيئي ڀڪي،
مکيل گهٽي گيهہ سين لولي وٺ سپڪي،
ڳڙه ڳجيون ڳالهيون، مون سان ويهي مُرڪي،
ڪرم چپ چپات، ڪڏهن ايندا مون پرين

مهري وارا نينگر، ٻڌي آوين منائي،
ياڪر ۾ پاوئين، پٽ ڏيوئي پٽائي،
مارو لولي ڏيوان، مٺي لولي ڏيوان.
لوليءَ ۾ ڪيڏائڻ ۽ ڪوڏائڻ جو ذڪر بہ ٿيندو آهي جيئن
ابو جڳ جيئي شال وڏي وڏو ٿئي،
وڳو وٺي جيجل کي مهڙ منجهان ڏي.
لاڏ ڪوڏ ڪرڻ ٻار سان ماءُ جو ئي ڪم آهي ڇو جو ٻار ننڍ پڻ ۾ چوويهہ ڪلاڪ ئي ماءُ جي سهاري ٿو رهي. ماتا جي ڪير پيارڻ، ٻار کي مالش ڪري اسنان ڪرائڻ، لولي ڏيڻ ۽ هن سان راند-روند، نٽ-شٽ ڪرڻ. انهن سڀني ڪمن جو ذڪر لوليءَ ۾ ڇوڄ سان ٿيندو آهي. بس آهي سڀ آسيس ۽ دُعا. وڏڙو ٿي ڇا بڻجندين.

هيءَ لولي ”ڊاڪٽر ديال آشا“ لکي آهي توهان بہ ٻڌيو:----
پٽڙا پيار مان ڏيان توکي لولي،
وڃان تو تان هر هر گهولي،
ا. لکي پڙهي هوشيار تون ٿيندين
قوم پنهنجيءَ جي ڪم تون ايندين
پريو پريندو تنهنجي جهولي
پٽ پيار سان ڏيان توکي لولي.
ماتا ٻار کي پڙهڻ ۾ هوشيار ٿيڻ ۽ بهادر ٿي ديش جي ڪم اچڻ جي آسيس ٿي ڪري. ٻارڙو ٿيندو آهي تہ چوندا آهن.
”وڏي واڙي لڳي ياڳ“
مطلب ونش وڌڻ تي سڀ خوش ٿيندا آهن ۽ ٻار تان ٻلهار-ٻلهار پيا ويندا آهن. ماتا ٻار کي وڌندو ڏسي ول جو مثال پيش ٿي ڪري. ول ٻين وڻن-ٻوٽن کان وڌيڪ جلدي وڌندي آهي، خاص ڪري مينهن جي مؤسم ۾ ڇو جو هن کي جام پاڻي ملندو آهي. ٻار

عارب مري ويو تہ، نوران ويس متايو،
جانب لولي...
اُنڙ جي ڪڙتي نوران، لٽا تي سٽي
اُهي جايون ڏسي نوران رت پئي روئي
سهڻا لولي...
واه انڙ ڏاڏو وهي تو پورن ۾
عارب مري ويو، نوران پئي سورن ۾
سانول لولي...
ڪرڙي ڳهوڙيءَ متان ڳلڙن جو ڳاشو
چڙهي ڏسان ڪوني تي، عارب جو لاشو
ڍولڻ لولي...

## ماءُ جون ڪجهہ ٻيون آسيسي لوليون :-

ماءُ ٻارڙي کي وڏندو ڏسي ڪيڏي نہ خوش ٿيندي آهي. ماءُ لاءِ ٻارڙي پٽا بہ نهي وجي تہ بہ هن لاءِ تہ ٻار ئي آهي. ٻار کي وڏندو ڏسي ماءُ جا نيڻ ٺرن ٿا. خوشي ڇلانگون ماري ممتا لُٽائي ٿي. ماءُ جي ٺرڻ، خوش ٿيڻ ۽ آسيس جي جذبي ۾ روز مرهہ جون ڳالهيون هونديون آهن. اِهي ئي دعائيہ لولي ٻار لاءِ دعا يا آسيس جو روپ آهن.

ناري دي پرتي، هاري هرڙا کهيندا،
سونيا پنجاليان، موتي ٻچڙا چڏيندا،
مني لولي ڏيوان، مارو لولي ڏيوان.

اڳوڻي زماني جي لولي آهي تہ ٻار وڏو ٿي هر ڪاهي، ٻج ڇٽي ماءُ پٽ لاءِ اِهائي دعا ٿي ڪري ٻار سکيو ستايو ٿئي، سُکي جيوت گذاري، هن کي چمي چٽي پاڪر ۾ پري ٿي، هن سان نت شت ڪري هن جا انگل آرا خوشيءَ سان سهي ٿي. پاڪر پائي چوي ٿي :-

ڪيڏي منڙي لولي آهي. ڪرشن ننڊ ۾ آهي پر وچ وچ ۾ چرڪ ڀري ٿو تہ يشودا هن کي ٿپوري وري لولي ڳائي سُمهاري ٿي. ڪرشن اوتار هو پر هن مانو تن جون سڀ سهج پرورتيون ڪيون آهن. هڪ ماءُ کي ٻار لاءِ ٻار کي ماءُ لاءِ نينهن جي ڏوري آهي لولي. ماتا ٻار کي لولي ڳائيندي وڏو تي چا ڪرڻ جي آسيس ٿي ڪري، ڏسو هڪ مثال:-

پٽڙا پيار مان ڏيان توکي لولي،
وڃان تو تان هر هر گهولي،
ڏُکين جي تون ڪندين شيوا،
پريو ڏيندءِ منڙا ميوا،
سدا سچ جي ٻولج ٻولي،
پٽ پيار مان ڏيان توکي لولي....

لوليءَ ۾ ڪيڏا رتن پريل آهن. رتن جي کاڻ ماتا ٻار جي جيون ۾ اوتي هن ۾ سنڌو سنسڪارن جو ٻج ٿي ڇٽي. ڏسو مٿين لوليءَ ۾ ڏُکين جي شيوا، سچ ڳالهائڻ سقل جيون جا سوتر آهن. لوليءَ ۾ سپنن، پرين، چنڊ، تارا، وڻ، گل، ٻوٽا سيني جو ذڪر ٿيندو آهي گهڻو ڪري مندن جو بہ ذڪر ٿيندو آهي. سنڌ هند ۾ ڇهہ مندون ٿينديون آهن جنهن ۾ گرمين جي بہ ٻهري جنهن کي منجهند بہ ڇئبو آهي. گرميءَ سبب ننڊ بہ گهري اچي ويندي آهي. ٻارڙن کي اهڙي ئي لولي ماتا ڳائي ٿي سُمهاري :-

چيٽ جي ٻپهري آهي،
ساتہ گهري آهي،
هندوري ۾ جهول، جهول، جهول پيارا هندوري ۾...

١. سپنن جا سُهڻا پنک پساري،
آئي آنندرا تنهنجي نيڻن جي دواري،

جي پرورش بہ ڪٽنب ۾ سنڀال سان ٿيڻ تي هو تندرست ۽ ٻلوان ٿيندو.

ول وانگر تون وڌندو رهندين،
ڏکيو ڏينهن نہ ڪڏهن ڏسندين،
ستگرو ڪندو تنهنجي سولي،
پٽ پيار مان ڏيان توکي لولي....
موهن منهنجا پيارا پيارا
منهنجي اکين جا ٻئي تارا
ناناڻي آئي تو لاءِ چولي
پٽ پيار مان ڏيان توکي لولي.

سنڌو سنسڪرتيءَ ۾ رواز آهي تہ ٻار جڏهن ڄمندو آهي تہ ناناڻا چوليون، چڊيون، سمهڻ لاءِ رلڪا وغيره ڏيندا آهن. لوليءَ ۾ ناناڻي آئي تو لاءِ چولي، جيڪو ريت رواز آهي اُن ڏانهن اشارو ٿي ڪري.

ٻارڙي کي ڪرشن، موهن، ڪنئيو، بنسيءَ وارو ۽ من موهن وغيره چئي پريم سان پڪاريو ويندو آهي ڇو جو ڪرشن جون ٻالپڻ ليلائون تمام مشهور، دلچسپ ۽ من کي موهيندڙ ٿينديون آهن. يشودا مئيا ڪرشن کي جهولي ۾ جهولائي سمهاري ٿي پر هوءَ وري-وري اکيون کولي ماءُ کي سمجهائي ٿو تہ مان اڃان سمهيو ڪونہ آهيان. سورداس جي لولي ڳائيندي، ڪرشن کي ننڍوري سُمهاريندي ماتا لولي ٿي ڳائي:-

يشودا ڪانها ڪو پالني ۾ سُلائي،
هلرائي، دلرائي، ملهرائي جوئي سوئي ڪڇو ڳائي،
ميري ڪانهہ ڪو آئو ري نديا
ڪيون نيهن آن سلاوي
توهي ڪانهہ بلاوي.

ماءِ ٻار کي آسيسون ڏيندي ٿڪجي نٿي، اِنڪري لولين جي ڪمي
۾ رهي. شاعرن، ڪوين، سنتن ايڏيون لوليون ڳاهيون آهن بس جنهنڪي
شونق هجي سو لکي ۽ سکي. ٻڌو منهنجي ڪرشن جي هڪ ٻي لولي:-

جهولي او جهولي،
جهولي ۾ جهولي راڌا گوبند پيارو،
ڀاڳن وارو، نصيبن وارو،
١. جهولي ۾ جڙيا ماڻڪ موتي،
تنهن ۾ لڏي ٿو راڌا گوبند جيوتي،
مٺي ٻولي وينو ٻولي جهولي ۾ جهولي- جهولي...
٢. پٽ جي واڳن سان لال کي لڏايان،
چنور چانديءَ جو ڦيري پئي ڦيريان،
پيو مشڪي منهنجو لال اکڙيون کولي- جهولي...
٣. پٽ جي گوبند کي چولي پهرايان،
گلن ڦلن سان لال کي پهرايان،
صدقي مان صدقي ڏيان سرڙو گهوري- جهولي...
٤. سڪ مان گوبند کي مکڻ کارايان،
ڦوٽا الاچي مصري ملايان،
ڪاٿي سنگت جا پيارا تون وات کولي- جهولي...

لولي شهر ڳوٺ سيني ۾ ڳائي ويندي آهي. ڳوٺاڻيون ٻار کي ڳ
ڏي تي سمهاري ٿپڪيون ڏيئي، ننڍوري سمهارڻ سان ٻار جهٽ
سمهين پوندو آهي. ٿرپارڪري ۽ ڏنار به لوليون ڳائڻ ۾
ڄڙچي رکندا آهن ۽ من موهيندڙ راڳ ۽ آواز ۾ لولي وٺندي پئي
آهي. جيئن:-

لولي جي لولي- لولي آڪ نه جاڻا،
درد وند يا ندي مني ٿور سڃاڻا،

اکڙين ۾ چائي ڪماري،
پلڪون ڦيون ڀاري ڀاري- هندوري ۾...

۲. ورچن جي هينان چانوَ ڦهلايون ٻانهون،
چانوَ جي شيتلتا ۾ ليٽيون هوائون،
گلڙن ڀي اکڙيون پوريون،
ليٽي پيا پونر پنهو ريون- هندوري ۾...

۳. منڙا آ تو ۾ منهنجو ساهه سمايو،
لهندو نہ تو تان منهنجي ممتا جو سايو،
هردي جو هار آهين،
نيڻن جو ٺار آهين- هندوري ۾...

ماتا جي لاءِ ٻار هردي جو هار، نيڻن جو ٺار، ممتا جو موتي آهي. هڪ ٻي لوليءَ جو بہ لطف بہ وٺو :-

ڪنهيا لولي ڪانهہ لولي،
منهنجا ڪرشن جهلايان تنهنجي ڊولي،
لولي ڏيانءِ لولي،

۱. جهرمر جهالر رنگدار آ هندورو هندورو،
رنگ رنگيلو ريشم جي ڏوري،
جنهن ۾ لٽڪن لال رمولي،

ڪرشن کي سنان ڪرائڻ لاءِ تہ ڀائي تياري بہ وڏي ڪرڻي پوندي، اِن ۾ تہ ٻي راءِ ڪونهين ماتا لولو ئي ڳائي :-

۲. چندن لايان توکي ڪاجل مان پايان،
تيل ڦليل سان مان سينڌڙي سجايان،
پايان پٽڪي توکي چولي، لولي مني لولي،

۳. جڳ جڳ لعل جواني شل ماڻين،
سنهڙي سُهڻي ونڙي تون آڻين،
شل ماڻي تون لڏڻ سان لعل، لولي مني لولي.

کيسر وارو پيئندو کير ڪنورو،
کلندي کائيندو مکڻ لعل سدورو،
سدورو... سدورو.... سدورو... سدورو....
چؤ تون اُرررر اُررر اُررر.
آن... آن... آن.
لولي لعل ڏيان توکي،
(٢) تو لاءِ تيل قليل گهرايان،
تنهنجي سنهڙي تي سينڌ سجايان،
چندن لايان سائين سرمو پايان،
پوءِ پيارا توکي جهولي ۾ جهُلايان.
جهولايان جهولايان (٥)
چؤ تون اوئان اوئان اُئان، آن
چئہ تون اُررر اُررر اُررر،
لولي ڏيان لعل توکي
لولي مان توکي لعل ڏيان.
(سائين ڪنور پڳت ٻار مائيءَ کي موٽائي ٿو ڏئي.) (وري هڪ ننڍڙو ٻار آهستي آهستي پنڌ ڪري ڪنور ڏي وڌي اَچي اٿو ڪنور اُن جي آڱر جهلي پاڻ نچي ٿو ۽ اُن ٻار کي بہ نچائي ٿو.)
(٣) پير ڪٽي هل هوري،
آءُ اچان ٿيي اوري... وهہ وا
جيجل توتان پنهنجي جان بہ گهوري،
چئہ جيءَ جيارا تون بہ ذرا چپ چوري،
اوچوري، او چوري، او چوري
چئہ تون امان امان امان... آن... آن
(سنت ۽ سنگت ٻئي موج ۾ هئا تہ ٻي مائي چادر سان پنهنجي مئل ٻار کي لپيٽي تي ڏئي. ڪنور اُن جائيءَ ۾ اُن ٻار کي لولي ٿو ڏئي.

... سهڻا لولي، مٺا لولي.

لولي صرف ماءُ جو ئي ورثو نہ آهي. سنتن، فڪيرن، اؤليائن، شاعرن ۽ ڪوين کي بہ لولي لکڻ، رچڻ ۽ ڳائڻ ۾ مزو ايندو آهي ڇو جو ٻار آهن ايشور جا روپ تہ اُنهن کي آسيس ڪرڻ وڏڙن جو فرض آهي.

## سنتن جي لولي = - - -

سنتن جي لوليءَ کي وڏي آسيس سمجهي ماتائون وڏي قرب مان لولي ڏيارائيندیون آهن. جيئن سنتن جي آسيس سان ٻچڙي جي عمر وڏي ٿئي، هو لائق ۽ سُسنسڪارت ٿئي. سنڌو سنسڪرتيءَ ۾ لوليءَ جي وڏي مانيتا آهي. لوليءَ تہ ٻار کي جيئاري جيون دان ڏنو هو اهڙا سنت هئا امر شهيد سنت ڪنوررام ڀڳت جن جي ڀڳتيءَ جي پريڪشا وٺڻ لاءِ موه وس مئل ٻار کي لولي ڏيارڻ لاءِ پري ستسنگ سيا ۾ ڪٺي ماتا سنتن جي گود ۾ ڏنو. سچا سنت تہ هميشه ڀڳوان جي ڀڄه ۾ هٺ نہ وجهندا آهن ۽ چمتڪارن کان دور رهندا آهن پر ڀڳتيءَ جي پرتاپ سان سچ پچ ٻار ۾ پراڻ ڦوڪجي ويا ۽ ماءُ کي ٻار جيئرو ٿي مليو. توهان بہ ٻڌو سنتن جي اُها ڪهڙي ڪرامائتي لولي هئي.

هڪ مائي سنتن کي ٿي چوي منهنجي لعل کي آسيس ڏيو. سنت ڳائين ٿا - - - -

لولي ڏيان مان منڙي لعل کي،
لعل کي هان... هان.... آن (٣)
لولي ڏيان مان ٻال گوپال کي،
لعل کي... لعل کي... لعل کي.

(١) جهرمر جهالر وارو هندورو،
ريشم پٽ جو ڏورو... وهہ وا،

نہ ٿيندي. هيءُ ڪنور ڪير آهي جو امر ڪي آڏو اچي.

مائي - (جهولي ڦهلائي) مان اوهان جي شرڻ ۾ آئي آهيان. مري ويندس پر اهو مئل ٻار مور نہ موٽائي ونندس.

(ڪنور اکيون ٻوٽي سوچي ٿو. اکين مان ڳوڙها وهي ٿا اچنس.)

ڪنور - (ٻوٽيل اکين سان) اُٿ امڙ! (اکيون کولي) تون منهنجي شرڻ ۾ آئي آهين تہ مان وري تنهنجي پاران پرمپتا پرماتما جي شرڻ ۾ ٿو وڃان. سنت ڪنوررام انتر آتما سان پنهنجي گرو سترام صاحب ۽ ستگرو کي وينتي ٿا ڪن تہ منهنجو ڏک ڏيءُ هيءُ لولي ٿا ڳائين:-------

لولي ڏيوان لال نون، نڪي جيڙي ٻال نون
لوليان لولو، لولي ڏيوان لال نون

١. چندن لاوي پنگوڙا گهڙيئا، وٹيئا طلي داري
ها ها ها، ها ها ها، ها ها ها
رنگ رنگيلا کيلڻ لاگي، ماءُ جاوي ٻلهاري
ٻلهاري ٻلهاري ٻلهاري
ڪردا ارڙ ارڙ ارڙ
لولي لال نون ڏيوان
نڪي جيڙي ٻال نون ڏيوان

٢. مکڻ نال کويسا روٽي
تيل ڦليل ڳنديسان چوٽي
آئي آئي، آئي آئي آئي
سر تيڏي تي ڏيوان ٽوپي
سر لالن دي ڏيوان ٽوپي
پٽ واچنور جهليسان
جهلي سان، جهلي سان، جهلي سان
ڪردا اوئان اوئان اوئان، اوئان اوئان اوئان

(۴) جڳ جڳ شال جواني ماڻين،
ڪنوار سڀاڳي سهڻي آڻين،
تون ٿين راجا-ڍوليا،
هوءَ پٽراڻي،
ٿئي تنهنجي شادي شان پري شاهاڻي،
شاهاڻي، شاهاڻي، شاهاڻي، شاهاڻي.
چئه تون امان، امان، امان، امان. آن... آن...

ڪنور- (ٻار موٽائيندي) وٺ امڙ، پنهنجي امانت موٽائي وٺ.

مائي- (پريل ڳلي سان) ڀڳت صاحب! اوهان لوليءَ ۾ چيو ته هيءُ جواني ماڻيندو، ڪنوار آڻيندو.

ڪنور- ڇو غلط چيم ڇا جيجل؟

مائي- ته پنهنجو وچن نڀايو سائين.

ڪنور- مطلب.

مائي- (اکين ۾ ڳوڙها آڻي) منهنجو لعل مري چڪو آهي.

ڪنور- (ڇرڪ پري) مري چڪو آهي؟ ته ڇا تو مونکي مئل ٻار ڏنو هو؟

مائي- (لڙڪ ڳاڙي) ڏنو هوم ديالوءَ هاڻي تيسين واپس نه وٺندس جيسين توهين ان کي وري جيئرو نه ڪندا.

ڪنور- اِهو اسمبو آهي امڙ! رب جي رضا رب ڄاڻي، ڀڳونت جي ڀاڻي ۾ پنو رهڻ ئي واجب آهي جيجل! جيڪو ايشور جي اِڇا جي آڏو ايندو، سو عذاب سهندو. جيڪو خالق جي خوشيءَ جي خلافت ڪندو اهو اَوس خطا کائيندو.

مائي- (سڏڪا ڀري) مون تي ديا ڪيو ديالو! ان ابهم کان سواءِ هن سنسار ۾ منهنجو ڪوبه سهارو ڪونهين.

ڪنور- (پريشان ٿي) ڏاهي ٿيءُ امڙ! مون کان اهڙي ڏنگائي

آهيو، منهنجي ٻچڙي کي جيئرو ڪري ڏيو. ڏاتر جي ڳجهہ جي خلاف ٻڌ ڪي بہ نہ ڪرڻي هئي. سو ماتا کي چيائون تون ڏيرج ڌر، تنهنجو ٻار ماڻ تڏهن جيئرو ڪري ڏيندس جڏهن تون ڪنهن بہ گهر مان اڙر (رائيءَ) جا داڻا وٺي اچين جنهن گهر ۾ ڪنهن جو موت نہ ٿيو هجي.

ماتا سوچيو اها ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي. فرتيءَ سان گهر گهر وڃين اڙر لاءِ وينتي ڪيائين پر اهڙو ڪو گهر نہ مليس جتي مرتيو نہ آئي هجي. ڪٿي ابي تہ ڪٿي بابي، ڪٿي امڙ تہ ڪٿي چاچي، مامي جي مرتيو نہ ٿي هجي. ماتا کي پنهنجي موهہ تي گلاني ٿي پر مرتيو جي سچ جو گيان ٿي ويس. هوءَ ٻڌ وٽ وئي. هن جي چرنن ۾ معافيون گهري چيائين، ”توهان منهنجون اکيون کولي ڇڏيون. مونکي گيان ٿي ويو تہ جيئڻ جنم سچ آهي، مرتيو بہ اَوس آهي.“

ستسنگ ۾ سنت لوليون ڳائي ٻارڙن کي آسيسون ڪندا آهن. ڀهراڻا گهرائڻ وقت بہ ماتائون ٻار کي لوليءَ سان ضرور سنتن کان آسيس وٺڻ لاءِ لوليون ڳارائيندون آهن. سنت ٻار کي گود ۾ کڻي يا وڏڙي ٻار جي مٿي تي آسيس جو هٿ رکي لولي ڳائيندا آهن.

جهولي او جهولي
جهوليلال سائين آسون پڄائين،
پنهنجي سنگت جون جوتيون جڳائين، جهولي.
ورڻ ديو سائين اسين آهيون ٻالڪ،
ڪر ٻاجهہ پنهنجي دنيا جا مالڪ،
آسرو آهي تنهنجو دک درد جهولي. لاهين...

ٻار کي ڪرشن جهڙو ٿيڻ لاءِ سنت لولي ٿا ڏين. اڄ ڪلهہ لوليءَ جو روپ پراڻي زماني کان نئين زماني ڏانهن پيو وڃي.

لولي ڏيان لعل لولي، سندر شيام لولي

لولي لال نون ڏيوان
نکي جيڙي ٻال نون ڏيوان

٢. مور مکٽ سر براھ براجي
کنڊل کي ڇب نياري
سورداس پرڀ تمري ملن کو
چرنن تون ٻلهاري
ٻلهاري ٻلهاري ٻلهاري، کردا ارڙ ارڙ ارڙ
لولي لال نون ڏيوان
نکي جيڙي ٻال نون ڏيوان
کردا اوئان اوئان اوئان، اوئان اوئان اوئان
لولي لال نون ڏيوان
ننڙي ٻال نون ڏيوان.

۽ پوءِ هيءَ ارداس ٿا ڪن:-

(٥) داس اوهان جي در تي آيو،
اُن جو عرض اگهايو، ... وھ وا.
آس ونديءَ جي آس پڄايو،
کو سوالي کين اوهان موٽايو،
موٽايو... موٽايو... موٽايو،
چئہ تون، اوئان... اوئان... اوئان.

ٻار روئي ٿو ۽ ڀڳت ٻار کي ماءُ جي گود ۾ ٿيا ڏين.

ڀڳت جي ڀڳتيءَ جي قامليت اِهو ڪرشمو بہ ڪري ڏيکاريو آهي. سنڌو سنسڪرتيءَ ۾ اهڙي لوليءَ جو اِتهاس ۾ نالو سونن اکرن سان لکيو پيو آهي جنهن کي ڪير ڀلائي ۽ مٽائي نٿو سگهي.

اهڙي ئي گهٽنا ڀڳوان ٻڌ جي سامهون ٿي هئي جڏهن هڪ ماتا مئل ٻار آڻي ٻڌ جي چرنن ۾ رکيو تہ توهان تہ سچا سمرٿ

اِن لاءِ ڇنايان توکي ماکي مکڻ...

١. لولي ڏئي پاڳن واري،
باجهن ۽ مهرن واري،
لوليءَ ۾ دعا ڏئي منڙا،
وڏڙن کي ڏج تون سُکڙا.
جهولڻ کندو تنهنجي سولي...

٢. کومل کومل ڏئي کچڙا،
ننڊڙا ننڊڙا ڏئي هٿڙا،
اکڙيون پيي پياريون پياريون،
سُرمي آهن سينگاريون.
صورت ٻچڙا تنهنجي ڀولي ڀولي...

٣. پيرن سان پند کندين تون،
گهر ۾ سڀ کي وڻندين تون،
سڀ جو دلارو ٿيندين،
سيني جو پيارو ٿيندين.
پٽ جي ڀرايان توکي "غافل" ڇولي...

مٿين لوليءَ ۾ هند ۾ ئي سنڌ پئي بکي. وڏڙن کي سُکڙا ڏج اِها دعا اٿئي. باقي سڀ بيان ٻارڙي جي صورت ۽ کچڙن انگن جو آهي. سنڌو سنسکرتيءَ ۾ ماکي ۽ مکڻ جي وڏي مهما آهي جنهن سان ٻار جي تندروستيءَ جو گهرو ناتو آهي.

اشوک "غافل" لاءِ اسين اجمير جي دربار "بابا گوبندرام اُداسين" ننيرا چوک، اجمير تي وياسين تہ اُنهن هيءَ بي لولي بہ مني سُر، تال سان ماڊرن ترج جيڪا فلمي هئي ڳائي-ٻڌائي هيئنين لوليءَ ۾ سنڌو سنسکرتي ۽ سنسکارن جي جهلک جو لطف ورتوسين. مکڻ ماکي ڇنائڻ، جهولي ۾ جُهلائڻ، پرين جو اچي ٻارڙي لاءِ گيت

نينگ تپا ڏي...

لولي ڏيانءِ لعل صدورا، اُتي ڪر اُجارا...

(۱) اسڪول ويندين پڙهي پاس ٿيندين،
ساڌ سنگت جي وچي شيوا ڪندين،
وڏو سنت تي جانءِ آگياڪاري ٿيجانءِ...

(۲) آسيس ڪنجانءِ گهوڙيءَ تي چڙهندين،
وٺي ڪنوار ايندين اچي ساک ڪنيندين،
نياڻين جي آسيس سان وڏو ٿيندين.
شل جواني ماڻين اِها ياد رکجانءِ وڏن جي کهاڻي.

(۳) جيترو نمندين اوترو ڪٽندين،
اکنڊ پنڊار پرجندئي،
ڪائيندي، ڪارائيندين ڪٽئي نہ پنڊار جواني ماڻين
رکجان وڏن جي کهاڻي.

سنڌو سنسڪرتيءَ ۾ ڪاڏي ڪير نہ ڪٽندو آهي، نمڻ سان وڏو چواڻبو آهي. سنت ٿيڻ جو مطلب اُنهن وانگر ڏيرجوان، حليم، نرمل ۽ ايشور ۽ ڪٽنب ڏانهن فرض پورا ڪري جيون سڦل بڻائڻ.

سنڌن جي لوليءَ ۾ تہ سنڌ جا چٽ چٽيل آهن، اِنڪري اسين لولين جي کوج ۾ پياءُ اشوڪ "غافل" وٽ وياسين جن جون لوليون فلمي ترج تي هيون. اُنهن ڳائي، ٻڌائي، سُر، لئہ، تال ۽ ساز ستار سان تمام منڙي لولي آهي. توهان بہ پڙهو.

ترج : "چولي ڪي پيڇي" فلم : "ڪلنايڪ"

ٽل- لولي آ منڙي لولي،
لولي آ منڙي لولي،
جهڙي آ منڙي لولي،
تهڙي تون ٻولڇ ٻولي.

ڪئيسين. ”پرت“ پنهنجي قيمتي وقت مان وقت ڪڍي اسان کي فلم ترج تي ٻه-ٽي لوليون ڳائي، سُر، تال، سان ٻڌايون، جن جو توهان به لطف ماڻيو :-----

ترج : ”نيلي گگن ڪي تلي“

ٽل- لولي ڏيان توکي لعل،

جڳ جڳ جيئندين شال،

وڏڙو ٿيندين پڙهڻ ويندين،

منهنجا صدورا لال...

١. ڪلندو-ڪڏندو پڙهي جو ايندين،

ماءُ ڪارائيندءِ مال...

٢. چنڊ جيان تنهنجو چمڪي چيهرو،

جيئن پري ڪا مثال...

٣. ماتا پتا کي سُڪڙا ڏيندين،

ستگرو در هي سوال...

۴. جتي تون ويندين ماڏو تنهنجي،

ستگر لهندو سنڀال...

ترج جيڪر اچي تہ راڳ ڳائڻ ۽ ياد ڪرڻ تمام سولو آهي ۽ ماتائون ۽ پينر بہ لولي ياد ڪري ٻار کي ڳائي ٻڌائي ٿيون سگهن. هاڻي وري ٻي لولي توهان کي ٻڌايان ٿي جيڪا مون ”پرت“ جي منهن مان ٻڌي.

ترج : سر پي لال ٽوپي روسي...

ٽل- لولي ڏيان توکي لال،

جڳ جڳ جيئندين شال،

ٻائڻ، سُرمو، ڪجل لڳائي اکين کي سجائڻ وغيره سنڌي سنسڪارن جي ٻالهين تي ئي لولي ٻايل آهي. ٻار لاءِ ماءُ-پيءُ ”پلو“ پارائيندا آهن تہ ٻار وڏيءَ عمر ماڻي، ڏکيو ڏينهن نہ ڏسي ۽ ايشور سدا هن جو ساٿي ٿئي. هاڻي ٻي لوليءَ جو لطف بہ ماڻيو :-----

ترج : ”چوڙي مزا نہ ديگي“ فلم : ”سنم بيوفا“

پَٽ جون پوشاڪون پايان،
مکڻ ماکي چٽايان،
جهولو تنهنجو جُهلائي،
لولي مان تو لاءِ ڳايان.

١. آرش کان پريون آيون،
تو لاءِ گيت ڳائڻ،
سپنن جي دنيا ۾،
آيون توکي اُڏائڻ،
سُرمو ڪجل پائي،
سينڌ تنهنجي سجايان...

٢. عمر وڏي تون ماڻين،
ونڙي تون گهر ۾ آڻين،
ڏکيو ڏينهن نہ ڏسين تون،
ستگُرِ ٿيندءِ ساٿي،
اِها آشا آهي دل ۾،
پلئہ اِهو پارايان...

مٿين لوليءَ جو مزو ماڻي ٻئي ڏينهن اسين سنت شري ماڌوداس جي درٻار ”نرمل ڌام“، جهولا محلا، اجمير ۾ وياسين جتي گرو درٻار ۾ مٿو ٽيڪي سائينءَ جي پٽ ”پرت“ سان ملاقات

سهٽي سني هن پنهنجي ٻال کي.

١. لال تنهنجو لڏي هندورو،
اِها امڙ جي آشا آهي،
وڏي وڏڙو ٿي ٻچڙا،
گرو تنهنجا ويڙها وسائي،
علم پڙهي پهچين وڏي اقبال کي...

٢. شل گڏن ۾ تين گڻ وارو،
ان-ڌن ۾ ڀاڳن وارو،
شل شروڻ وانگر تون،
ٻڌجين آگيا وارو،
چڱا جيئن ساراهين تنهنجي چال کي...

٣. سدا هجين جڳت ۾ سلامت،
ڪرين دين دکين سان سخاوت،
پل دُنيا ريسون ڪري،
ڏسي تنهنجي ڪم جي ڪماليت،
گڻ وارا ڳائن جيئن تنهنجيءَ ڳالهه کي...

٤. ڪڏهن ستگر جي در ڪان،
منهنڙو ڪين مٽائج،
امرت ويلي روز اُٿي،
ويهي گروءَ جو ڌيان لڳائج،
”ماڌوَ“ انگ سنگ چاڙهج گرو رکپال کي...

چوندا آهن تہ مانڪ جنم تمام سُني جوڳ آهي. ديوتائون بہ ان لاءِ سڪندا آهن. لعل بہ مانڪ جنم وٺي ماءُ ڪان لولي ٻڌي وڏا ٿي پلائيءَ جا ڪارج ڪيا.

لال شال خوش هوندين (٢)

١. راجا هريشچندر جهڙو،
ٻچڙو تون داني ٿيندين،
راجا نرموهيءَ جهڙو،
ٻچڙا شال گياني ٿيندين،
اونچا ٿيندءِ خيال،
بڻي تون دنيا منجهه مسال...

٢. مارڪنديئه جيڏي ٻچڙا،
عمر شال ماڻيندين،
ماتا پتا جي پهرين،
فرض کي پاليندين،
گذرن چوويهه سال،
وڃي ڏيانءِ ٻاڙهي توکي زال...

٣. سنتن جو سنگ ملندءِ،
رام جو رنگ لڳندءِ،
ونگو نه وار ٿيندءِ،
ڏُشمن نه اوڏو ايندءِ،
ماڏو جا هيءُ سوال،
گروبابو ڪندو بهال...

سنتن جون لوليون آسيس پريون، منٿيون، سوَليون ۽ ٻوڙها پاوَ پريل آهن، جن ۾ جڻ سنڌ ئي هند ۾ کهي آئي آهي، اِئين تو لڳي اُها ئي سنڌي ۽ سنڌوءَ جي سنسڪرتيءَ جهلڪ هاڻي اچو ته هڪ ٻي لوليءَ جو به لطف وٺون.

ترج : سو سال پهلي.
ٿل- لولي ڏيان مان ننڍڙي لال کي،

لوڏيو ويني لوڏيان...

٢. رتن راءِ جو آرتن - ٻارهئين جو تار،

لوڏيو ويني لوڏيان...

٣. ٻيڙا تاريندو ٻاجهه سان - پاڻ ٻڌي پتوار،

لوڏيو ويني لوڏيان...

مٿين لوليءَ ۾ لعل جي سچي جيون جو چٽ چٽيل آهي. سنڌو سنسڪرتي لعل کان سواءِ ته ڪلپنا ئي نٿي ڪري سگهجي. ان ڪري ٻار کي لعل جي جيون سان جهوليءَ ۾ ئي مخاطب ڪرايو ويندو آهي.

اُڏيري لعل وانگر "گرو نانڪ شاه" منش جنم ۾ اچي پينگهي ۾ لُڏندي ماءُ جي لولي ٻڌي هيٺن جو همراهه، نبلن جو ٻل، غريب، دين - دکين جو سهارو بڻيو. ڏسو گرونانڪ کي ماتا لولي ڪيئن نه منٺڙي ويني ٻڌائي.

لولي پيارا لولي ڏيو نانڪ شاهه کي لولي

لولي پيارا لولي ڏيو نانڪ شاهه کي لولي...

١. نانڪ ننڊڙو پنگهن ۾ جنهن کي لوڏي ڏيون سڀ لولي

لولي پيارا لولي ڏيو نانڪ شاهه کي لولي...

٢. سونا هندورا پٽ پٽراٽيون لٽڪن لال امولي

لولي پيارا لولي ڏيو نانڪ شاهه کي لولي...

٣. ڍُهل دماما کنجڙيون ڪڙڪن ٻائن راڳي تبلي

لولي پيارا لولي ڏيو نانڪ شاهه کي لولي...

٤. ڪونه وڃي تو در تنهنجي تان نر ۽ ناري خالي

لولي پيارا لولي ڏيو نانڪ شاهه کي لولي...

٥. پائي پلئه تا دان منگون آهين دين دنيا جو والي

لولي پيارا لولي ڏيو نانڪ شاهه کي لولي...

٦. نام دان ڏي چرنن جو شل پريت توڙ نڀايون

## لعل جي لولي = - - -

لعل اُڏيرو انترجامي هندورن ۾ جهولي لال

ا. منڙيون ڳالهيون منهن موچاريون

ڀڳڻ وينو ٻولي لعل

جنهن ٻيڙيءَ تي ٻاجهه ڪيائين.

سا ٻيڙي نه ٻڏي لعل.. لعل...، هندورن ۾ جهولي لال.

ٻي لعل جي لولي هن ريت آهي

ترج : سکيون سيجا گُلن جي سجايو

لوڏيان لال پنهنجي جو هندورو، هان هندورو،

ڪندو اَؤليءَ مان سولي اُڏيرو، ڪندو اَؤلي مان سولي اُڏيرو،

ا. اکنڊ جوت تان هتڙا گهماٽي، پنهنجي لال جي مستڪ تي رکان ٿاهي،

شل ياڳه ٻٽي سدوري جو، سدوري جو، ڪندو اَؤليءَ مان سولي اُڏيرو،

٢. جوتيون جڳايان پلو مان پايان، ٻچڙي لاءِ وڏي عارجا چاهيان،

ٿئي لال منهنجو ٻت ۾ سگهيرو-سگهيرو، ڪندو اَؤليءَ مان سولي اُڏيرو،

٣. صبوح-شام ٻچڙي کي نهاريان، نهاري-نهاري پئي من ٺاريان،

ڳهُران لعل ڪان ٻچڙو وڏو تي ٿئي ناليرو-ناليرو، ڪندو اَؤليءَ مان سولي اُڏيرو.

جهوليلعل کي ته هندورو ايڏو پسند هو جو اڄ به جهولي ۾ هنن جي مورتي رکي جهُلايو ويندو آهي. جيئن ڪرشن جنماشتمي ۽ ساوڻ ۾ ”ساوڻ جا جهولا“ لڳائي ڪرشن کي جهُلائبو آهي. لال جي هيءَ منڙي لولي ٻڌو جيڪا اجمير جي ليکڪ، شاعر ۽ ڪلا جي پارکيءَ سڪ سان لکي آهي. رچيندڙ ۽ گيتڪار آهن ”گورڌن ڀارتي“.

لوڏيو ويني لوڏيان- سدا ويني لوڏيان

لعل هندورو لوڏيان پنهنجي لعل جو

ڳاڙهو هندورو لوڏيان پنهنجي لعل جو

ا. چيٽ مهني چنڊ تي- آيو وٺي اَوتار،

هان مان چاوي ٻلهاري، واري-واري، لولي...

هيءَ لولي سوردار جي ڪرشن ڏانهن لکيل آهي پر ڪدڙا فڪير تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ڪابہ لولي ڳائيندا آهن. زور-زور سان تاڙيون وڄائي، نچي ڪري، ناز-نخرن سان مستيون ڪري ”فلمن جون لوليون“ بہ ڳائيندا آهن، جيئن :----

سوجاري ميري مُني نديا توهي آئي،
پريم ڪي جهولي جهلائي،
آجاري نديا تو آجا ذرا،
مُني ڪو آڪي سُلا جا ذرا،

ماءُ جون پاوناٿون هر ذات، پات، مذهب ۽ ديس پرديس ۾ ساڳيون ٿينديون آهن. اڄ جون ماڊرن ماتاٿون فلمي ڪيسٽن مان لوليون ٻڌي ٻار کي سمهارينديون آهن. صرف ٻوليءَ جو فرق آهي. هيءَ هندي فلم جي هڪ لولي ٻڌو، هيءَ ڏيءُ لاءِ آهي. اڄ ڪلهہ تہ پٽ ۽ ڏيءُ برابر آهن. لولي بہ ٻنهين لاءِ آهي، صرف پٽڙي لاءِ نہ :-

چندن ڪا پلنا، ريشم ڪي ڊوري،
جهولا جهلاٿون نديا ڪو توري،
(١) اونچي گگن سي ڪوئي بلائي،
آئين هين پرييان ڊولا سجائي،
ساجن سي ملني دور چلي جا،
اُڙڪي تو نديا دور چلي جا،
چندا پڪاري آجا چڪوري،
جهولا جهلاٿون نديا ڪو توري....
(٢) سوجا تو ايسي موري سجنيان،
ڦولون پي سوئي جيسي دلهنيا،
چندا ڪا ٽيڪا ماتي لگاٿون،

لولي پيارا لولي ڏيو نانڪ شاھ کي لولي...

۷. دل تي بيحد بهار آهي ٻڌي نانڪ منڙي جي ٻولي
لولي پيارا لولي ڏيو نانڪ شاھ کي لولي...

.........

## ڪدڙو فقير لولي

ٻار جو جنم ٿيندي ئي ڪدڙا فقير اچي ٻار کي آسيسون ڪندا آهن ۽ گهر جا ڀاتي خوش ٿي ڪدڙي فقير کي ساڙهي، ان، منڊي، ٻڙ ۽ جام رُپيا ڏيندا آهن. اڄ جا ڪدڙا ته پهرين ئي نوھ رکندا آهن ته ٻار ڪٿي چمڻ وارو آهي ۽ پوءِ ٻئي ئي ڏينهن اچي ٻارڙي کي لولي روپي آسيس ڏيندا آهن. چيو ويو آهي ته ڪدڙن جي ته روزي روٽي ئي اِها آهي يا ته شادي يا جنم ڪير به هنن کي ناراض نه ڪري هن جي گهُر مطابق نوٽ به ڏيندا آهن. انهن جو به چوڻ آهي ته اڄ ڪلهه ٻه ئي ٻار ٿا ٿين ته ڏنڊو منڊو آهي. انڪري هنن جون گهُر جون به وڏيون ٿينديون آهن نه ته هو ڏرٽو ماري گهر ۾ ئي ويهي رهندا آهن ۽ جيستائين من مطابق مراد نه ملنديَ اٿن ته خوش ٿي نه ويندا آهن. هر ڪو هنن کي خوش رکڻ لاءِ هٿ کولي ڏيندو آهي جيئن ته هنن جي آسيس ضروري ۽ ڪراماتي سمجهي ويندي آهي. ٻار تان ماءُ پيءُ ۽ گهر جا مٽ مائٽ وار گهور ڪري ٻچڙي کي سڄي عمر هر دک درد ۽ ڪشٽتا کان هن کي آجو ڪري هن جو وار به ونگو نه ٿئي اهڙي لولي ڳائيندا آهن:-

لولي ڏينوان لڪميت نون لوليان، لوليان
هان، لوليان، لوليان،
لولي ڏيوان چند جا هرنون لوليان
هان لوليان، لوليان،
(۱) چندن سنڌڻ گهريان، ٻٽيان تلي ڏاري،
رنگ رنگيلا پيار ڪيلڻ لاڳا،

قسمت کي مارون کي اکين ۾.
نندڙيا آجا ڏيري...

هر لوليءَ ۾ سُنيون سکيائون ۽ سنديش ۽ جيون کي سڦل بڻائڻ جا سوتر به هوندا آهن. مٿين لوليءَ ۾ امير-غريب جي پيدا کي نند تڙي تي کڏي، اکيون غريب ۽ امير جون هڪ جهڙيون ٿينديون آهن پوءِ نند به ته هڪ ئي ٿي نه؟

هڪ ماءُ جي لولي هينئن به جيڪا فلمي آهي پر "پسند اپني-اپني، خيال اپنا-اپنا".

تجهي سورج کهون يا چندا، تجهي ديپ کهون يا تارا،
ميرا نام کريگا روشن، جگ ۾ ميرا راج دُلارا.

ماءُ-پيءُ اِها ئي آشا پٽ هجي يا ڌيءُ سُنا ڪم ڪري ماءُ-پيءُ جو نام دنيا ۾ روشن ڪن. اڄ ته ڌيئر به پٽن جي برابر پريم ۽ ڪوڏ سان پاليون ٿيون وڃن. اڳيون زمانو ويو جڏهن وڏڙا پريا رُڳو پٽن جي خاهش ڪندا هئا. اڄ هر ماءُ هڪ-

ميري گهر آئي ايڪ ننهين پري، چاند کي رٿ پي هوکي سوار.
ڌيءُ لاءِ به مائٽ سکن پيا ته اُنهن تي لوليون ٿهيون آهن-
سوجا راجکماري سوجا

سنڌي فلمن ۾ به لوليءَ جي مهما آهي. هڪ سنڌي فلمي لوليءَ جو لطف وٺون-

طرز : هم-تم چوري

او نندڙا شيرڙا، وڏائي پيرڙا،
گهوري ڙي گهوري تو تان ماءُ شل جگ جگ جيئين. گهوري...

ا. جڏهن اسُر ٿيندو تڏهن سج به ايندو
مکڻ-کير تو لاءِ ڪٽي
مِنو لات جيئن جيئن لوندا
تنهنجي جهول ۾ تيئن پوندا

تارون کي مالا تجھ کو پھنائون،
توھي سلائون گاگا کي لوري،
سھگل جي ھيءُ لولي بہ کيڏي نہ مٺي آھي:-

سوجا راجکماري سوجا،
سوجا مين بلھاري سوجا،
(۱) سوجا نيند ۾ سپني آئين،
سپنو ۾ پي درس دکائي،
اُڙ کرپاس گگن کي جائين،
گگن ۾ چند درس دکائي.... سوجا راجکماري

لوري :- سپنو کي ڍور بنڌي پلکون کا پالنا،
سوجا ميري لال ميرا کھنا نہ ٽالنا.
لوري :- آجاري نديا تو آجا ذرا،
مُني کو آکي سُلا جا ذرا، آجاري نديا...

مٿين لولين ۾ ماتا جا جذبا، آسيس پريا ۽ قدرتي نظارن جو ذکر چنڊ-تارا، گل، آڪاش وغيرہ پريون ۽ ڪلپنائن جي اُڏام اُھائي آھي جھڙي ھر ديش جي چاھي اُھا سنڌ ھجي يا ھند ھر لوليءَ ۾ سنتن، مھاتمائن ۽ درويشن جي سکيائن جو بہ ذکر ھوندو آھي.

سنديش، دک-درد، سنويدنا جو اظھار.

ڏيري سي آجا ري اکين ۾،
نديا آجاري آجا ڏيري سي آجا،
۱. جگتين ھين، اکيان سوتي ھئہ قسمت،
دشمن غريبون کي ھوتي ھئہ قسمت،
دم ۾ غريبن کي کٽين ۾ نديا...
۲. آکين تو سيکي ھئن ايک جئسي،
جئسي اميرون کي غريبون کي وئسي،

نندڙا نندڙا نازڪ آهن،
لهجانءِ سار سنڀال.
ماتا کي سيتلا ۽ امان جا لقب ڏنا ويا آهن. امان کان وڌو به پلا
ڪو لقب آهي ڇا؟ اُهائي اولي گهڙي ۾ آڌار ڏيندي:-
اوليءَ ۾ تون آسرو اما،
ڏيندينءَ سڏ ۾ سڏ،
دک وارن جا دک تي لاهين،
غمن وارن سان گڏ،
پپو ته اٿئي نندڙو ٻار،
تنهنجي مٿان رکجانءِ هلڪو ٻار.
ماتا ۾ ٻار کي تيز بخار ۽ ماتا جا سينٽرا نڪري ايندا آهن. پوءِ هو سُڪي چلڪي وانگر چمڙيءَ کان الڳ ٿي ويندا آهن. اڳاٽي زماني ۾ وڏي ماتا تمام خطرناڪ نيشان ۽ نقص ڇڏي ويندي هئي. ٻار جي سنڀال تمام حفاظت سان ڪئي ويندي هئي. ننڍي ماتا کي ٻودري چوندا آهن اُها ايڏي خطرناڪ نه ٿيندي آهي.
هيءُ ڇوت جي بيماري سمجهي ويندي آهي، اِن ڪري ٻين ٻارن کي اُن بيمار ٻار کان پري رکڻ، گهر ۾ ٿوم، پياز، ماس نه ورتائڻ ۽ صاف صفائي ۽ شانتي رکي روز ٻار جا ڪپڙا اوٻاري ڌوئڻ کپن. اڄ ماتا تي سائينس جي طرقيءَ ڪري ڪنٽرول ڪيو ويو آهي جنهن سان وڏي ماتا تي وجيه ملي آهي. باقي ٻودري ساڌارڻ ڳالهه آهي. ماتا نه صرف ٻارن کي پر وڏن کي به ٿي ٿي سگهي تڏهن وڏن کي به اوراٽو ڏيارٻو آهي. ماتا جي ٽيڪ ٿي وڃڻ تي لوليون اڳئين ڏينهن تي پچائي تڏي ڪاڏي جو ڇنڊو ماتا جي نالي سان هٽي سيتلا کي پرسن ۽ سيتل ڪيو ويندو آهي. اهڙي وقت ۾ گهر ۾ هر طرح جي شڌتا جو ڌيان رکيو ويندو آهي. اڄ به سنڌي، مارواڙي ۽ ٻين هندو ذاتين ۾ به وقت به وقت ٿڌو ڪري سيتلا تي چڙهائي،

اِلاهي اناز چٽي
ملايون مال ڪاڻ - مکڻ جا ٿالھ ڪاڻ، گهوري...

٢. تکي تکي توکي تارا
ڪندا جڏهن مست اشارا
لکي لکي پائي ليئا
تڏهن رات لولي ڳائي، ٽکل چنڊ کي ليٽائي،
وِسائي چڏيندي ڏيا
ننڊ جو نرم چهاڻ ڪسيندءِ سرت سماڻ. گهوري...

## اوراٽي جي لولي: - - - - -

اڳاٽي زماني ۾ ٻارڙن کي ماتا نڪرندي هئي جيڪا پنهنجو اُگر روپ ڌارڻ ڪري ڪڏهن اک ۾ ته ڪڏهن سرير جي ڪنهن خصي ۾ نقص به چڏي ويندي هئي. خاص ڪري منهن تي سيئرن جا داغ، چمڙيءَ تي ماس تي نشان ٿي ويندا هئا. هيءَ لولي اُن ٻار کي دک کان شانتي ڏيندي آهي ۽ رکشا ڪندي آهي. ماتا جي ناراضگي ڪري هيءَ دک مليو اِهو سنڌو سنسڪرتيءَ ۾ مڃيو ويندو آهي. ماتا کي استتيءَ التجا ڪئي ويندي آهي ته ٻچڙن تي آسيس رک. اورڻ جي مطلب آهي ڳالھ ٻولھ ڪرڻ. دل جو حال ڪرڻ. ماتا کي شيتلا جو نالو ڏنو ويو آهي جنهن تي گهڻئين گيت ڳايا ويندا آهن. پر ماتا ٿي وڃڻ تي ٻار کي لوليءَ جي روپ ۾ اوراٽو ٻڌايو ويندو آهي. اوراٽي جو سُر پيروي آهي جيڪو ڏيمي سُر، آواز ۽ مٺي ڌن ۾ ڳائي ماتا کي ريجهائبو آهي ته ٻالڪ کي هن ڪشٽ کان بچاءِ اوراٽي جو هڪ لوليءَ جو نمونو هن ريت آهي:-

باجهه ڪجانءِ مائي ٻچڙن تي،
تنهنجا آهن ٻار،

جنهن ۾ سنڌو سنسڪرتيءَ جي جهلڪ جا ڪئين راز سمايل آهن.
هيءَ اوراڻو جهونو لوڪ گيت آهي جو عام واپرايو ويندو آهي :----

ٺار ماتا ٺار پنهنجي ٻچڙن کي ٺار،
ٺار ماتا ٺار پنهنجي ٻچڙن کي ٺار،
١. امان اڱڻين ۾ ٺاريو ٺئي هاڻي ۾ ٺار،
هيءَ جڳ تنهنجو ننڍڙو ٻار،
ديوي تو شرڻ تو شان،
هي لڪ لنگهندي پوندم پار. ٺار....
٢. امان دان ڏيندينءَ دياوان ٿيندينءَ،
منڙا ڏوه ڪٽي معاف ڪندينءَ،
ديوي تو شرڻ تو شان،
هيءَ لڪ لنگهندي پوندم پار. ٺار...
٣. امان هيٺ ۾ ماڙي مٿي ۾ ماڙي،
وچ ماڙيءَ ۾ پينگهو،
امان جيجل ۾ آئي تورڻ ۾ آئي،
ڏيندنءَ سندور جو ٽڪو،
ديوي تو شرڻ تو شان،
هيءَ لڪ لگهندي پوندم پار. ٺار...
٤. امان چبوترو ٺئي چڱانوتي،
امان ٿلهي ٿلهي تنهنجو ٿانءُ،
امان آڪاٻ وجهندس پيري ۾ پوندس،
اول وٺي تنهنجو ناءُ،
ديوي تو شرڻ تو شان،
ٺار ماتا ٺار پنهنجي ٻچڙن کي ٺار...
٥. امان شڪارپور جون ڇوڪريون

پوڄا ڪري ھن کي خوش رکڻ جي ڪوشش ڪبي آھي. سانوڻ جي مھيني ۾ سنڌي ننڍي ٿڌڙي ۽ وڏي ٿڌڙيءَ تي ٿڌو پچائي سڄي سال لاءِ گھر ۾ سُک شانتيءَ لاءِ آراڌنا ۽ پوڄا ڪندا آھن. اوراڻو اچ بہ تمام مھتوَ رکي ٿو. "ڊاڪٽر ديال آشا" جي اوراڻو جوڳ مايا جو ماتا کي خوش ڪرڻ جو گيت ھتي ڏجي ٿو:-

جوڳ ماتا آد شڪتي تنھنجو آ آڌار،
جڳدمبا جڳ ساري ۾ تنھنجي جئہ جئڪار،
١. ان پورڻا آھين تون ماتا جڳ جي لھين سنڀار،
ڪمي نہ تو وٽ ڪائي آھي سدا ڀريل ڀنڊار،
٢. ڏوپ ڏيان جو پشپ پريم جا من ۾ مان پوڄيان،
ديا درشتي ڪر تون مون تي ٿيان مان باغ بھار،
٣. شنيءَ نشنيءَ ۽ مھشاسر کي مٽيءَ ۾ تو تہ ملايو،
رڪشا ڪرين ٿي ڀڳتن جي ۽ دشٽن جو سنھار،
٤. ٻار ٻاراڻي ڪن جي جيجل ڪميا جي تون ڪاڻ،
ماتا منھنجي تون آھين ديوي آھيان مان تنھنجو ٻار،
٥. ننڍ ٻچن جو تو تي ديوي تنھنجا سيئي ٻار،
اوراڻا تنھنجا جيجل ڳايان نار ماتا تون نار،
٦. آش وندن جي آشا پڄائين جڳ جو ڪرين ڪلياڻ،
مھر جو مينھن وسائج ماتا گھُرجي تنھنجو پيار.

مطلب اِھو آھي تہ سيتلا جا مندر ۽ پوڄائون بہ الڳ ئين ٿيون ۽ اِھو ھڪ ڌرمي، سنسڪارت ۽ سماجڪ لوڪ وشواس ٿي ويو آھي تہ ماتا ۾ سيتلا کي پرسن رکون. ايترو ئي نہ وقت بہ وقت پوڄا ڪري ھن کي ريجھائيندا رھون. ھيءَ اوراڻو تہ تمام چلن ۾ آھي ۽ ھر سنڌيءَ کي ياد ھوندو جو ماتا (ديوي) آدشڪتي آھي جنھن مان سرشٽيءَ جي اُتپتي ٿي آھي تہ ڏسون اوراڻي جي ھڪ ئي لولي،

لوڪ سجو ئي ننڊ ۾ جيجل،
مونکي تنهنجي تات،
اومان تو در آندو ٿم هي ٻار،
ٿري ڪجاڻ تون تنهن کي ٿار،
ٿرڪ ڪنديڻ تون تنهن کي ٿار،
ٿري ماتا تنهن تي رکجاڻ هلڪو بار،
هيءُ لڪ لڳهندي پوندس پار.
۲. امان اڳي ٻہ ٿاريو ٿئي هاڻي ٻہ ٿار،
مون در ديوي ايندي ڪري ٿار،
۳. اَمان نينگر وڏو اٿم تنهنجي تڏي،
ڏائين ڏوئين ڏينديڻ جڳ کان اڳي.
۴. امان نينگر اٿئي ننڍڙو ٻار،
تنهن کي ڏينديڻ جيءُ جو ڪرار،
ٿري اچي تون ٿار ڪنديڻ،
ڏاڻ ڏئي اپڪار ڪنديڻ،
امان تو شرڻ تو شان،
مني ماتا تو شرڻ تو شان.
۵. امان نگرنهائيڻ وچ ۾،
جيجل ميهڙ ٿيو اٿئي ٻار،
گاهه نہ ڏينديڻ تنهنکي جيجل،
سڳا ڏئي پٽ تار،
٦. امان ٻت پريو آ جور ڏجاڻ،
اکڙين کي آرام ڏجاڻ،
۷. ٿار ٿري آرام ڏجاڻ،
لڱڙن کي لوڏ نہ ڏجاڻ.
۸. جيئہ کي جوکي ڪڏهن نہ ڏجاڻ،

امان مائي -مائي ڪن،
امان هٿن ۾ ڪير ڪٽورڙا،
ڏيڪاري توکي پاڻ پيئن،
جيجل تو شرڻ تو شان،
هيءَ لڪ لگهندي ٻچا پوندم پار. نار...

٦. امان پلي پات ۾ ڏؤنرو پٽيءَ ۾،
جٽيءَ پسايو شٽ،
امان سادو پئسو منوُ نہ لوڏو،
جيئي جيجل جو پٽ،
جيجل تو شرڻ تو شان،
هيءَ لڪ لنگهدي ٻچا پوندم پار،
نار ماتا نار پنهنجي ٻچڙن کي نار.

٧. امان سيهڙ جي ساڙهي سوڊل جي هٿان،
آءُ وينئي ديويءَ جون آسون پچان،
ديوي تو شرڻ تو شان،
هيءَ لڪ لنگهدي ٻچا پوندم پار،
نار ماتا نار پنهنجي ٻچڙن کي نار. نار...

اوراڻي ۾ ماتا کي منٿ ٻولن سان وينتيون ڪري پرچائبو آهي، ريجهائبو آهي، هٿ ٻڌي وينتيون ڪبيون آهن. ماتا کي امان ڪري بيڙا پار ڪرڻ جي آس ڪبي آهي. ڏينهن رات ٻچڙن جو خير گهربو آهي. امان ساڌو سنت، پير فقير بہ تنهنجي در تي جهڪن ٿا. اسان جهڙا تهڙا آهيون ٻچڙن تي مهر ڪج. هن جو مطلب جي سنسار ۾ ماتا تو بنا اسان جي پت رکڻ وارو ڪير نہ آهي، اهڙو هڪ اوراڻي جو مثال بيو بہ ٻڌو:-----

امان مان ما ئيئہ ڪي اوريان،
امان پيچ پنيءَ پريات،

لڪ لنگهي شل ڪلندين ڪڏندين،
تن سان رانديون ڪن.

اڄ جي نهي اوراڻي کان واقف نہ آهي. اِن ڪري فنڪشن ۾ سنڌي اوراڻو ناڙيون وڄائي سموہ روپ ۾ ماتا جي اِستوتي ڪندا آهن جيئن ماتا بہ پرسن ٿئي ۽ نئين نهيءَ جا ٻار بہ هن اوراڻا لوليءَ سان واقف ٿين. هيءُ اوراڻي بہ جهونو لوڪ گيت آهي جيڪو سولو ۽ عام ۾ واپرايو ويندو آهي. توهان بہ پڙهو جيڪو هيئن بہ ڇئبو آهي :-

ٻاجهہ ڪجانءِ ٻچڙن تي مائي آهن تنهنجا ٻار
ننڍڙا ننڍڙا نازڪ آهن لهجانءِ سار سنڀار
ديوي ماتا تو تان وڃان قربان.

١. شڪارپور جون ڇوڪريون اَما تنهنجا گڻ ڳائن
کنڊ پتاشا ماکيون مصريون کائن کارائن
امبي ماتا تو تان وڃان قربان.

٢. ڪئَيل واري کوهہ تان امان ڪٽي اچان ٿي جل
چنڊا هٽان ٿي ڇوڪر کي مان مائي مهر ڪجانءِ
ڪالي ماتا تو تان وڃان قربان.

٣. تنهنجي مڙهيءَ ۾ آئي آهيان منڙيون مانيون ڪٽي
انهن جي آ پارت توکي تو ۾ آس گهٽي
ديوي ماتا تو تان وڃان قربان.

٤. ننڍڙو آهي وڏڙو جو ٿيندو مائي تنهنجو چيلو
هڪ جيڏن سان گهمي جو ايندو ديوي تنهنجو ميلو
امبي ماتا تو تان وڃان قربان.

٥. چندن عاج جو پينگهو آهي پٽ جي آهي ڏور
لال پنهنجي کي لولي ڏيان ٺي پاڻ لهج پر گهور
ڪالي ماتا تو تان وڃان قربان.

٦. باس ٿي باسيان تنهنجي در تي ڏئي رئي کي ڳنڍ

منٺي ماتا تو شرڻ تو شان،
منٺي ماتا تو شرڻ تو شان.

٩. دان گهران مان ديوي تو ڪان،
پائي ٻچي ٻل پاند،
آءُ ماتا جهلندي،
آءُ ماتا جهولندي، آءُ ماتا جهولندي، آءُ ٺري جهولندي.

١٠. جيڄل نينگر سندي امان،
ٻيڙا ساوا ڪندينءَ،
بابل نينگر ٻيڙا دان ڪندو،
ڀنڙي نينگر سندي ٻيڙا دان ڪندي،
ماتا آءُ جهولندي، آءُ ماتا جهولندي، آءُ ٺري جهولندي.

١١. ڏينهن ڏکي هيءُ گذري ويندا،
لاهين دل تان بار،
امان سگهاتي ويندا سيگهہ منجهان،
سيگهہ منجها من ٺار.

١٢. آس امڙ جي پڄندي ماتا،
تنهنجي تن کي نہ ايندو بار،
انگ اگها تنهنجا تي ويندا سگها،
سيگهہ منجهان من ٺار.

١٣. لڪ هندوري جهولي توکي،
آس امڙ جي پڄندي،
تنهنجي من کي ايندو ٺار،
منڙا تون جيئين سؤ سال،
اڙي گلڙا تون جيئين سؤ سال.

١٤. راند رمڻ لاءِ ڏيندا لالڻ توکي،
ڪيڏا سرتا توکي چوڻون ڪن،

جيجل تنهنجي تات،
امان هردم آس ملڻ جي،
چاهي ڏينهن هجي چاهي رات. منهنجي جيجل
٣. امان ساڌو-سنت، گياني-ڌياني،
تنهنجو ڌيان ڌرين،
امان پير فقير ۽ مير وزير بہ،
تنهنجي در تي جهڪن. منهنجي جيجل...
٤. امان مان دکياري دردن ماري ڪنهن کي حال ڪر
سپ سُک جا ٿئي ساٿي جيجل ڪنهن سان حال ڪر
.... منهنجي جيجل...
٥. امان جهڙا تهڙا آهيون
اسين تنهنجا ٻار،
امان توئي ڏنا تون بخشي ڏجانءِ،
هي گلڙا گلزار. منهنجي جيجل...
امان دين دنيا ۾ منهنجو ڪوئي،
سنگي نا ساٿي،
امان مطلب جا آهن ياڙ ۽،
مطلب جا ياتي. منهنجي جيجل.

## ڪڇ ۾ پيون منڙيون لوليون :---

اوراڻي ڪان پوءِ اچو تہ ڪڇ لوليون جيڪي ٻارڙي جي سندر سرير، ڪپڙا، هٿ، سُهڻو چهرو، بخمل جهڙو بت، چنڊ جهڙو مک ۽ نٽکٽ نندلعل وانگر راند ڪرڻ جو انداز تن تي ماءُ گهوري تي وڃين هن کي پيار مان چمي تي ۽ آسيسن جي جهڙي تي لڳائي توهان بہ سنڌو سنسڪرتيءَ جي جهلڪ هن لوليءَ ۾ ڏسو :-

تنهنجي دئاري ديوي لهندي لال منهنجي جي جهنب
امبي ماتا تو تان وڃان قربان.
۷. اوکيءَ ۾ تون آسرو اما ڏيندينءَ سڏ ۾ سڏ
دک وارن جا دک تي لاهين غمن وارن سان گڏ
ديوي ماتا تو تان وڃان قربان.
۸. پوٽو پٽ تي پائي سرهيون اگر بتيون ٻاريان
جيءُ آئين نچ آئين مائي گهر تي سينگاريان
ڪالي ماتا تو تان وڃان قربان.

ٺار ماتا ٺار پنهنجي ٻچڙن کي ٺار،
امان اڳي ٻه ٺاريو تئي هاڻي ٻه ٺار...
اوراڻي لوليءَ ۾ ٻه ماتا کي ٻيڙا پار ڪرڻ جي ٻچڙن لاءِ ماتا هڪ ٻيو اوراڻو تي چوي :-
منهنجي جيجل امان، منهنجي اورڻ امان،
اچي مهر ڪجان، مهربان ٿي،
امان ديا ڪر دياوان ٿي،
مان آيس تنهنجي دوار،
منهنجا ٻيڙا ڪجانءِ پار،
منهنجي انبي امان،
مهاڪالي امان، سنتوشي امان،
مهر ڪجانءِ مهربان ٿي.
۱. امان سهڻي صورت تنهنجي،
امان سُهڻا تنهنجا ويس،
امان کهڙا ڏسي مان کهڙا ڏسان،
تنهنجا روپ انيڪ. منهنجي جيجل...
۲. امان اُٿندي وهندي، کائيندي-پيئندي،

منو نام سري هر واهيگرو،
سچو نام سري هر واهيگرو،
امرت نام سري هر واهيگرو،
آهين دينن جو داتار گرو واهيگرو،
هيڻن جو همراهه گرو واهيگرو،
بي راهن جي راهه گرو واهيگرو،
دک درد سيئي مٽاءِ گرو واهيگرو،
منهنجا کشت سيئي نوار گرو واهيگرو،
ست نام سري هر واهيگرو.

جنهن کي ٻي ڪا لولي نه اچي اُهو صرف هڪ اکر کي ئي سُر ۾ بار بار چوي :-

واهيگرو منهنجا واهيگرو،
واهيگرو منهنجا واهيگرو.

بار بار چوڻ سان به سُر ءِ لئه طرح ۾ چوڻ سان ٻار مٺي ننڊ جي گود ۾ سمهين پوندو.

هڪ ٻي لولي به مذر سُر ۾ ڳائي ٻچڙي کي ماتا آسيس ڪري شُمهاري ٿي ته تون جلد وڏو ٿيندين، وني آٿيندين ءِ ماءُ کي سُک ڏيندين، صرف ماءُ کي ئي نه ٻيڙي ڏاڏيءَ جو فرض به نڀائيندين. ايترو ئي نه تون پنهنجي ديش جو فرض نه پلائيندين. سيني کان وڏي ڳالهه ماتا جيڪي سنسڪار ٿي وجهي سي آهن :-

سنڌي آهين سنڌي رهجانءِ
پنهنجي نه ڇڏجانءِ ٻولي،

چوندا آهن هوئڻ ته سنسڪار گرڀ ۾ پيل ٻار ۾ پوڻ شروع ٿي ويندا آهن پر جهولي ۾ جهولائيندي ءِ گود ۾ شُمهاريندي به جيڪي لوليون ڏبيون آهن، اُنهن جا به سنسڪار سُنا پئي وڏپڻ ۾ اِنسانيت جو گڻ پئدا ڪندا آهن. هيءَ لولي ڪيڏي نه مٺي ءِ سُريلي ماتا ويني ڳائي :----

لعل منهنجو هندورن ۾ مان جُهلايان،
جُهلايان، جُهلايان هندورن ۾ مان جُهلايان،
جُهلايان، لولي ڳايان لولي ڳايان،
لعل منهنجو هندورن ۾ مان جُهلايان.

۱. ننڍڙا هٿڙا ڪومل ڪچڙا (۲)
چمي چشمن لايان، لولي ڳايان (۲)
لعل منهنجو هندورن ۾ مان جُهلايان (۲)

۲. ننڍڙيون ننڍڙيون پياريون اکڙيون (۲)
ننڍڙيءَ جي ماکي ملايان لولي ڳايان (۲)
لعل منهنجو هندورن ۾ مان جُهلايان (۲)

۳. بت ٻچي جو بخمل جهڙو (۲)
اوتتي واءَ کان بچايان لولي ڳايان (۲)
لعل منهنجو هندورن ۾ مان جُهلايان (۲)

۴. سهڻو چهرو ڏيان مان پهرو (۲)
بُري نظر کان بچايان لولي ڳايان (۲)
لعل منهنجو هندورن ۾ مان جُهلايان (۲)

۵. دک نہ ڏسندو سؤ سال جيئندو (۲)
آس اِها تي لڳايان لولي ڳايان (۲)
لعل منهنجو هندورن ۾ مان جُهلايان (۲)

اڳاتي وقت ۾ ماتائون سنتن-ڀڳتن جا ڀڄن ۽ ايشور جي نام کي بہ اورينديون ويندیون هيون ۽ لولي بہ ڳائينديون ويندیون هيون. هڪ ٻڍڙيءَ مونکي هيءَ لولي ٻڌائي، توهان بہ ٻڌو :---

ست نام سري هر واهيگرو،

هلائي ٻارن کي سُمهارڻ جي ڪوشس پيون ڪن پر اُنهن کي اِهو ڌيان ضرور رکڻ کپي تہ ان سان اُنهن ڪچڙن تي ڪهڙا سنسڪار پوندا. مڇون ٿا تہ نئي نهيءَ کي عربي سنڌي ڪونہ اچي پر اچ تہ ديوناگريءَ ۽ انگريزيءَ ۾ بہ سنڌي ۾ ڪافي ڪجھ ڇپجي پيو. جيڪا نوجوان ماتا سنڌي سکڻ چاهي اُها ڌهن ڏينهن ۾ سنڌي ڪلاس شِوِر ۾ سنڌي سکي منڙيون لوليون لکي، ڊائريءَ ۾ نوٽ ڪري ٻچڙن کي سُر سان ٻڌائي انهن کي سنڌو سنسڪارن سان واقف ڪرائين ۽ خود بہ سنڌو، سنڌي، سنڌيت سان پيار ڪري نئين نهيءَ ۾ سنڌو سنسڪارن جو خزانو جيڪو موهن جو دڙو جي سڀيتا جي پرتيڪ آهي جنهن ۾ نماڻائي، ڌيرج، همٿ، بهادري، انسانيت ۽ ديا جا پاٺ پڙهايا ٿا وڃن. خير هاڻي هڪ ٻي لوليءَ جو بہ اظهار ڪيون :------

لولي پاڻيجا لولي،
جيڪا تنهنجي مايڙي،
سا منهنجي پينڙي،
لولي پاڻيجا لولي.

اهڙيءَ طرح سيني جا نالا ڳنڊيندي لوليءَ کي وڌائي ڳايو ويندو آهي.

هاڻي اچون ٿا اُن لوليءَ تي جيڪا مونکي تمام پسند آهي. هن ۾ اڳاٽي زماني جي سنسڪرتيءَ جون جهلڪيون تمام سُهڻي نموني چٽ چٽي من موهڪ روپ ۾ پرستت ڪيون ويون آهن، جيئن اڳاٽي زماني ۾ استرين کي کوه تان پاڻي ڀري وڃي آڻڻو پوندو هو ۽ ماتا ٻارڙي کي ڪنهن جي حوالي ڪري چاهي اُها سس هجي يا ڏيراڻي اُن کي ٻار جي سنڀال لاءِ ڇوڙو پوندو هو. اڳاٽي زماني جي سس جو نالو هڪ ڪنور سُياوَ جو پرتيڪ هئي ۽ ڏيراڻين جي هڪ ٻئي سان نہ پوندي اهي. اِهو هڪ ڪوڙو سچ اڄ بہ آهي پر هيءَ لولي جڏهن سُر، لئہ، تال سان ڌيمي آواز ۾ ڳائي ٻارڙي کي ٻڌائي

ڏيان لعل توکي لولي ڏيان لعل لولي (٢)
ماٺين شل جواني پرجئي سُکن سان جهولي (٢)

١. ننڍڙا ننڍڙا آهن تنهنجا هٿڙا پيارا پيارا (٢)
وڏي ويڄهين شل شال سدائين ڪم ڪرين تون سارا (٢)
آس اِها منهنجي سائين پڄائي،
وڃان تو تان گهوري، ڏيانءِ لعل توکي لولي (٢)

٢. مکڙو تنهنجو چنڊ جهڙو، بدن آهي ٻاڙهو پيارو پيارو (٢)
بريءَ نظر کان سائين بچائي،
تلڪ لڳائي ڪارو، ڏيانءِ لعل مان توکي لولي (٢)

٣. راند ڪندين پنهنجي پيٽ سان،
راند ڪندي تو سان پينڙي،
پائي پريل ستارن جي چولي، ڏيانءِ لعل مان توکي لولي (٢)

٤. اڃان تہ آهين ننڍڙو-ننڍڙو سيگهہ ئي وڏڙو ٿيندين،
پهرين تہ پنهنجي لاڏي آڻي،
ماءُ کي سکڙا ڏيندين، ڏيانءِ لعل مان توکي لولي (٢)

٥. ڏاڏيءَ کي تون ڪين وسارج،
فرض بہ پنهنجو خوب نڀائج،
وڃين ڪٿي پرديس تہ بہ ديش کي ڪين ڀلائج، لعل ڏيان (٢)

٦. سنڌي آهين سنڌي ٿي رهجانءِ،
پنهنجي نہ ڇڏجانءِ ٻولي مٺي ٻولي،
سنڌو سنڌيءَ ماءُ کي ڪين وسارج، ڏيانءِ لعل مان (٢)

سنڌيءَ ۾ لولين جو خزانو پريو پيو آهي پر اڄ جون مائرون ٽيپ هلائي، هندي انگريزيءَ جا گيت هلائي، فلمن جون لوليون

پٽ کي لڪيل آهي جيڪا هٽ لڪان ٿي. اڄ جي ماحول جي آهي پر سنڌي سنسڪرتيءَ کي ساڪار ٿي ڪري :-----

لولي ڏيان لال توکي لولي،
شل سکن سان پرجئي جهولي،
١. ساھہ صدقي ڪيان مان تو تان،
جان جانب قربان ڪيان تو تان،
ڪوسو واءُ نہ لڳئي ڪڏهن،
وار ونگو نہ ٿيئي ڪڏهن،
شل جواني ماڻيندين،
وڃانءِ گهولي،
لولي ڏيانءِ لال توکي لولي. (٢)
٢. اعليٰ تعليم وٺين،
عهدو وڏو ماڻيندين،
وڏو ٿي گهر ۾،
ڪنوار آڻيندين،
ماءُ، پيءُ وڏن جي،
آڳيان ۾ رهندين،
سيوا ڪري سين ڪي،
سک ڏيندين،
شل ڪين وسارين سنڌي ٻولي،
لولي ڏيانءِ لال توکي لولي. (٢)
٣. ديش شيوا ۾ اڳرو ٿيندين،
نيڪ ڪم ڪري نيڪي پائيندين،
مالڪ کي تون ڪونہ وساريندين،
شل ”نهچل“ ٿئي تنهنجي سولي،

تي وڃين تہ تمام سندر ٿي لڳي ۽ اُن وقت جي سنڌو واقيات، حالات ۽ اُتان جي ريتين رواڄن ۽ روز مرهہ جي زندگيءَ جو اهڙو سڄيوَ چٽر چٽيل آهي جنهن سان اُن وقت جي حالات سان لوليءَ مان واقف ٿي تو سگهجي. اچو تہ توهان کي بہ لوليءَ جي مهڪ سان دوبدو ڪرايو وڃي:-----

منهنجي ٻارڙي کي لوڏيو،
مان پاٽي پرڻ ٿي وڃان،
پاٽي پرڻ ٿي وڃان مان تہ (٢)،
کوهہ تي ٿي وڃان. منهنجي ... (٢).

١. هن کوہ جو پاٽي کارو، مِٺي تي ٿي وڃا،
منهنجي ٻارڙي کي لوڏيو مان پاٽي پرڻ ٿي وڃان،
٢. سرتيون ويون پاٽيءَ تي ۽ آءٌ نهاريان اڃا،
منهنجي ٻارڙي کي لوڏيو مان پاٽي پرڻ ٿي وڃان،
٣. سس هٽي تي تانا، مان تہ گهڙو گهڙي تي پيچان،
منهنجي ٻارڙي کي لوڏيو مان پاٽي پرڻ ٿي وڃان،
٤. ڏيراٽي آ ويرياٽي، مان مورنہ هنجي مڃان،
منهنجي ٻارڙي کي لوڏيو مان پاٽي پرڻ ٿي وڃان.

اڙي هي ڇا لولي ٻڌندي ڇا توهان کي بہ ننڊ اچي ويئي ڇا؟ خير، پايڙي جي پوٽي کي مون اِهائي لولي ڳائي مٺي ننڊ جي گود ۾ سپنن ۾ من موهيندڙ مک تي مسڪراهٽ ڏٺي هئي ۽ هو لوليءَ جي سُر جو سپني ۾ بہ جائزو وٺندو رهيو. اِهو ئي نہ جاڳندي بہ جڏهن هن جي چپ تي آڱر رکي اِها لولي ڳائيندي هئس تہ هو هڪ دم مٺي مُسڪان سان پرجي سيني جو من موهي وٺندو آهي.

هيءَ لولي اڪادميءَ جي ڪنهن پروگرام ۾ اسٽيج تي ڳائيندي جئپور ۾ ٻڌي هئي ۽ ايڏي وٽي جو اُن وقت ئي ڊائري ۾ قلم بند ڪري توهان جي سامهون رکي رهي آهيان. هڪ هيءَ لولي ماءُ جي

لولي ڏيان۽ لال توکي لولي.

مٿين لوليءَ سان لڳي ٿو تہ مڙدن کي ننڍپڻ جي لولين جو ايڏو ا
آهي جو هن ۾ بہ سنڌو سنسڪرتيءَ جا چٽ چٽيل آهن. اعليٰ تعليم وٺ
وڏو عهدو ماڻڻ، ماءُ، پيءُ وڏن جي شيوا ۽ آگيا ۾ رهڻ ۽ سيني کان وڏ
آسيس تہ سنڌي ٻوليءَ کي نہ وسارين ۽ نيڪيءَ جي راهہ تي هلي مالڪ
کي نہ وسارين، کهڙيون سٺيون سکيائون ڏنيون ويون آهن.

هاڻي اڳاٽي ماحول جو جائزو بہ وٺون :-

سِڪي لڏڙا، پينگهي وارڙا،
گروءَ ڏنڙا، ٻار سدورڙا،
لال لوڏايم، لال هندورڙا،
لڏي تي جاءِ پريندو،
من هي، ماڙي ٻنڌڻو،
صفحي سونهندو، هي لالڙا،
ڏيان لولڙي، پينگهي وارڙا.

سنڌ جي ٻار لاءِ نيشا ني پينگهو هر لوليءَ جي شان آهي ۽
ٻارڙي کي نينهہ ۽ اُڪير مان آسيسون ڪرڻ ماتا جو مرڪ. ٻارڙا
تہ گهڻين گُرن ۽ ديوتائن جي در تي ٻاڏائي پراپت ڪيا آهن،
تڏهن آسون پڄڻ تي ڀهراڻا ڪٽائيا آهن ۽ مندرن ۾ منايون، گ
هرن ۾ منايون ورهائيون آهن. ٻارڙا ئي خاندان جو نالو روشن
ڪندا. تڏهن لوليءَ ۾ چيو ويو آهي، گروءَ ڏنڙا ٻار سدورڙا.

لوليون هت ڪافي ڏنيون ويون آهن. جنهن اِرادي سان تہ
ماتائون ۽ ڀينرون پنهنجي لال کي سنڌيءَ ۾ لولي ڏين تہ هنن
لولين مان جيڪر فائدو ڪڍي ٻارن کي ٻڌائين تڏهن ئي هيءَ
محنت سڦل سمجهندس.

# تعارف

ڪملا ٻٽاڻيءَ جو ڇهون گلدستو توهان جي هٿ ۾ آهي. هن جون ڇپيل رچنائون آهن:-

۱. پرائي درد جو احساس، ۱۹۸۴-ڪهاڻي سنگره
۲. هڪ پيو مسيحا، ۱۹۸۷-ڪهاڻي سنگره
۳. نئين زندگي، ۱۹۹۵-ڪهاڻي سنگره
۴. اِنسانيت جي راهه، ۱۹۹۹-ڪهاڻي سنگره
۵. امڙ جو عڪس، ۲۰۰۴-ڪهاڻي سنگره کي
(راجستان سنڌي اڪادميءَ ايشور چندر اوارڊ عطا ڪيو آهي.)
۶. لوليءَ ۾ سنڌي سنسڪرتيءَ جي جهلڪ، ۲۰۱۰

لوڪ ساهتيه ۾ لوڪ گيت جو هڪ قسم لولي به آهي، جنهن جو وجود سنڌ کان سنڌيءَ ۾ قائم آهي. هن دفعي هٿ ڪي هيءَ وشيه کڻڻ جو مقسد ماتائن ۽ ڀينرن ۾ ٻارڙي کي لولي ڏيئي سُمهارڻ جي پرمپرا جيڪا سنڌين کان پري ٿيندي ٿي وڃي ۽ سنڌي لولين جي ڄاڻ نئين ٿهيءَ جون مائر ۽ ڀينر پلجنديون ٿيون وڃن اُن کي جيارڻ ۽ ماتائن ۾ سنڌي لولي ڳائي ٻار ۾ سنڌي سنسڪارن جي پوک پوکڻ جي جيءَ ۽ جان سان ڪوشش ڪري لوليون سنگرهه ڪري هن ڪتاب ۾ ڏنيون ويون آهن. اِن لاءِ ڪملا گهٽي جا ڪوڙ ڪري لوليون سنگرهه ڪيون آهن، اُن جي جنون کي مان ساڌوواد ٿو ڏيان.

ڪملا جون مٿيون سڀ رچنائون ناري پاترن ڏانهن زميداري نڀائينديون رهيون آهن. ماتائن جو ڌيان لوليءَ ڏانهن ڇڪائڻ لاءِ ترج به ڏني ويئي آهي. مان هن جي ساهتيه ڏانهن چاهه ۽ لاڙو ۽ لگن ڏسي هن کي داد ٿو ڏيان جو گهر گرهستي سنڀاليندي ليکڪا جو پارٽ به نڀائيندي ٿي اچي. مان هن جو هم سفر هن جي قدم سان قدم ملائي هلڻ ۾ سدا هن سان گڏ آهيان ۽ ڪتاب جي ڪاميابيءَ جي ڪامنا ڪندي شڀ ڪامنائون ٿو ڏيان.

-ڪشن ٻٽاڻي